روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) آچر پهرين جنوري 2023ع بمطابق 08 جمادي الثاني 1444ھ (قيمت 10 رپيا) شمارو 219

دهشتگردن جو انت آڻي پنهنجي ڌرتي تي امن قائم ڪنداسين: آصف زرداري

مون کي يقين آهي ته ايندڙ سال ملڪ جي ترقي ۽ قوم جي خوشحالي جو سال هوندو، پاڪستاني عوام وڏين تڪليفن کي منهن ڏنو: اڳوڻو صدر

ڪورونا، ان کانپوءِ ٻوڏ وڏو نقصان پهچايو، برسات ۽ ٻوڏ متاثرن جي بحالي پهرين ترجيح آهي، متاثرن جي مُنهن تي مُرڪون موٽائڻ اسان جو مشن آهي

پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري انتهائي مختصر وقت ۾ عالمي دنيا ۾ پاڪستان جي ساک قائم ڪئي آهي، عالمي دنيا بلاول جي ڳالهه ٻڌي رهي آهي

سندس موقف کي مڃي رهي آهي، جيڪا پاڪستان جي تاريخي ڪاميابي آهي، پ پ سدائين دهشتگردن جو خاتمو ڪيو: پ پ جو ڪوآرڊينيٽر

شهيد بينظير ڀٽو جو فلسفو سچ ثابت ٿيو آهي ته دهشتگردي جو خاتمو رڳو جمهوريت ٿي ڪري سگهجي ٿي، دهشتگردن جو انت آڻي پنهنجي ڌرتي تي امن قائم ڪنداسين

نئين سال جي خوشي جي موقعي تي ٻوڏ متاثرن ۽ مظلوم ڪشميري ڀائرن کي پنهنجي دعائن ۾ ياد رکو، يقين آهي ته 2023 ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۽ خوشحالي جو سال هوندو

ڪراچي (م ر) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته مون کي يقين آهي ته ايندڙ سال ملڪ جي ترقي ۽ قوم جي خوشحالي جو سال هوندو، پنهنجي پيغام ۾ آصف علي زرداري چيو ته پاڪستاني عوام وڏين تڪليفن کي منهن ڏنو. ڪورونا، ان کانپوءِ ٻوڏ وڏو نقصان پهچايو، برسات ۽ ٻوڏ متاثرن جي بحالي پهرين ترجيح آهي، متاثرن جي مُنهن تي مُرڪون موٽائڻ اسان جو مشن آهي. هن چيو ته پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري انتهائي مختصر وقت ۾ عالمي دنيا ۽ پاڪستان جي ساک قائم ڪئي آهي، عالمي دنيا بلاول جي ڳالهه ٻڌي رهي آهي ۽ سندس موقف کي مڃي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: اڳوڻو صدر آصف علي زرداري بلوچستان مان پيپلزپارٽي ۾ ايندڙن کي پارٽي جهنڊو اوڍائيندي

مودي جي ماءُ مري وئي، نريندر مودي جي ماءُ جي لاڏاڻي تي نواز شريف جو ٽوئيٽ

لنڊن (م ر) ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي جي ماءُ جي لاڏاڻي تي پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف تعزيتي ٽوئيٽ ڪيو آهي. واضح رهي ته نريندر مودي جي ماءُ هيرابين مودي گذريل ڏينهن 99 ورهين جي ڄمار ۾ ديهانت ڪري وئي هئي، جنهن تي وزيراعظم شهباز شريف به ڏک جو اظهار ڪيو هو، هاڻ شهباز شريف جي وڏي ڀاءُ نواز شريف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

عوام سليڪٽڊ جو بندوبست ڪيو، بني گالا مان اڃا تائين رڙيون اچي رهيون آهن: بلاول ڀٽو

عمران خان دهشتگردن کي جيل مان ڪڍيو، ملڪي سلامتي تي ڪو سمجهوتو نه ٿيندو، دهشتگردي ختم ڪري رهنداسين: پرڏيهي وزير

مان فيصلو ڪيو نئين سال جو جشن ڪراچي وارن سان گڏجي ملهائڻو آهي، اميد آهي ته شهري رات 12 هين وڳي نڪرندا ۽ نئين سال جي آجيان ڪندا

پ پ اهو ڪم ڪري ڏيکاريو، جنهن جو واعدو ڪيو هو، بي اعتمادي ذريعي هڪ شخص کي گهر موڪليو ويو، اها عوام جي فتح آهي

توهان ٿي ان سليڪٽڊ، هٿ ٺوڪيئي ۽ نالائق جو بندوبست ڪيو، 6 مهينا گذرڻ باوجود به بني گالا مان رڙين جو آواز اچي رهيو آهي

عمران خان جمهوريت ۽ سياست کي نقصان پهچايو، پ پ ماضي ۾ به ملڪ بچايو ۽ اڳتي به بچائيندي، جڏهن به مقابلو ٿيو فتح سچ جي ٿيندي

عمران خان دهشتگردن کي جيل مان ڪڍيو، اسان کي امپورٽڊ چوندڙ ملڪ ۾ دهشتگردي کي امپورٽ ڪيو اسان ملڪي سلامتي تي ڪا سوديبازي نه ڪنداسين

ڪراچي (م ر) پ پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته عمران خان دهشتگردن کي جيل مان ڪڍيو ملڪي سلامتي تي ڪو سمجهوتو نه ٿيندو دهشتگردي ختم ڪري رهنداسين. ڪراچي ۾ جلسي سان خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته مان فيصلو ڪيو نئين سال جو جشن ڪراچي وارن سان گڏجي ملهائڻو آهي، اميد آهي ته شهري رات 12 هين وڳي نڪرندا ۽ نئين سال جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

مڪاني چونڊون ڪرائڻ بابت عدالتي فيصلو چيلينج، اپيل تي اعتراض

اليڪشن ڪميشن ۽ وفاقي سرڪار پاران اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ انٽرا ڪورٽ اپيلون داخل ڪرايون ويون آهن

اسلام آباد ۾ اڄ مڪاني چونڊون ڪرائڻ وارو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي

ايتري مختصر وقت ۾ چونڊون ڪرائڻ ممڪن نه آهي، پرزائيڊنگ آفيسرز ۽ پولنگ عملي جو انتظام نه ٿو ڪري سگهجي

اسلام آباد (م ر) اليڪشن ڪميشن ڪانفرنس ۽ وفاقي سرڪار به اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊون ڪرائڻ کان معذرت ڪري ڇڏي. اليڪشن ڪميشن ۽ وفاقي سرڪار پاران اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ انٽرا ڪورٽ اپيلون داخل ڪرايون ويون آهن. وفاقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

آزاد، پراعتماد نوجوان بهترين ۽ زنده سماج جي علامت هوندا آهن: ڪامران ٽيسوري

پاڪستان جا نوجوان پنهنجي سموري صلاحيتن سان سڄي دنيا ۾ ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪري رهيا آهن

اسان کي پنهنجي نوجوانن تي اعتماد ڪري کين اڳتي آڻڻو پوندو، الله تعاليٰ هن ملڪ کي هر قسم جي قدرتي وسيلن سان نوازيو آهي

ملڪ جي 64 سيڪڙو آبادي نوجوانن تي مشتمل آهي ۽ اسان کي انهن نوجوانن لاءِ موقعا پيدا ڪرڻا آهن: سنڌ جو گورنر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري چيو آهي ته آزاد، پراعتماد نوجوان بهترين ۽ زنده سماج جي علامت هوندا آهن. پاڪستان جا نوجوان پنهنجي سموري صلاحيتن سان سڄي دنيا ۾ ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪري رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته ڪانفرنس جو انعقاد ملڪ جي نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ ۽ پراعتماد بڻائڻ لاءِ هڪ مثالي قدم آهي، اهڙن خيالن جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: ب پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پارٽي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

اسان جو نوجوان ڊبل سواري واري عائد پابندي کي ختم ڪرڻ واري اعلان جو احترام ڪندا: وڏو وزير

نوجوان نئين سال جي خوشيون ملهائيندا ۽ هڪ ٻئي جو احترام پڻ ڪندا، نئين سال جي موقعي تي نوجوان موٽرسائيڪل جي ون ويلنگ يا اسلحي جي نمائش نه ڪندا

اسان جو نوجوان ڀينرن جي فيمليز جو احترام ڪن، اميد آهي ته نئين سال ۾ سيلاب متاثرن جي بحالي، ملڪ ۾ جمهوريت ۽ معيشت کي مضبوط جو سال هوندو

ڪراچي ۾ ڊبل سواري تي پابندي نه آهي، عوام نئين سال جو جشن ملهائي سگهن ٿا، هوائي فائرنگ، روڊن کي بند ڪرڻ ۽ ون ويلنگ کان پاسو ڪن

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه بيان ۾ نئين سال جي موقعي تي ڊبل سواري تي عائد پابندي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪندي چيو ته اميد آهي ته اسان جو نوجوان ڊبل سواري واري عائد پابندي کي ختم ڪرڻ واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد ۾ علي بابا ته ٻي پاسي چاليهه چور آهن: سراج الحق

ٻنهي جا هٿ هڪٻئي جي کيسي ۾ آهن، پي ٽي آءِ ۽ پي ڊي ايم جو مقصد خود عياشيون ۽ عوام کي بکيو مارڻ آهي

سياسي پارٽيون اهي سڀئي ملي پاڪستان جي معيشت، سياست ۽ معاشري کي تباهه ڪري رهيا آهن

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) امير جماعت اسلامي پاڪستان سراج الحق چيو آهي ته اسلام آباد ۾ علي بابا ته ٻي پاسي چاليهه چور آهن ٻنهي جا هٿ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اليڪشن ڪميشن امپورٽڊ حڪومت ۽ سهولتڪارن سان مليل آهي: عمران خان

اليڪشن ڪميشن هاءِ ڪورٽ جي فيصلي تي عمل نه ڪري هڪ ڀيرو ٻيهر ثابت ڪيو ته اها امپورٽڊ حڪومت ۽ سهولتڪارن سان مليل آهي

پي ڊي ايم خوفزده ٿي اليڪشن کان ڀڄي رهي آهي، اليڪشن ڪميشن امپورٽڊ حڪومت ۽ سهولتڪارن سان مليل آهي، ووٽ هڪ جمهوري حق آهي

اسلام آباد (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي سربراهه عمران خان چيو آهي ته اليڪشن ڪميشن امپورٽڊ حڪومت ۽ سهولتڪارن سان مليل آهي، پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان اليڪشن ڪميشن تي سخت تنقيد ڪندي پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

عقيل ابراهيم ڊيموڪريٽڪ پينل جي ڪاميابي تي بلاول ڀٽو، شرجيل ميمڻ، سعيد غني ۽ سسئي پليجو پاران مبارڪباد

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد پريس ڪلب جي ساليانو چونڊن 2023 ۾ عقيل ابراهيم ڊيموڪريٽڪ پينل جي ڪاميابي تي پ پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري پريس ڪلب جي نئين چونڊيل عهديدارن جي ڪاميابي تي پيغام جاري ڪري ڇڏيو آهي. جاري ڪيل بيان ۾ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري حيدرآباد پريس ڪلب جي نئين چونڊيل صدر لالا رحمان سمون ۽ سيڪريٽري حميدالرحمان کي مبارڪباد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران خان ٽيسوري ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪاليج ۾ منعقد ٿيل سيمينار کي خطاب ڪري رهيو آهي

اتر ڪوريا پاران بيلسٽڪ ميزائلن جو تجربو، ڏکڻ ڪوريا کي ڳڻتي ورائي وئي

اتر ڪوريا جي گادي پيانگ يانگ جي ڏکڻ کان اتر سمنڊ طرف 3 ميزائل فائر ڪيا آهن

اتر ڪوريا جا مسلسل ميزائل تجربن بعد سنڌن سرحدي علائقن جي نگراني کي وڌائي ڇڏيو

پيانگ يانگ (م ر) اتر ڪوريا جپان جي سامونڊي حدن ۾ گهٽ فاصلي تي مار ڪندڙ ٽن بيلسٽڪ مزائلن جو تجربو ڪيو آهي. ڏکڻ ڪوريا جي فوجي ترجمان موجب اتر ڪوريا جي گادي پيانگ يانگ جي ڏکڻ کان اتر سمنڊ طرف 3 ميزائل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پنجاب ۾ فرح گوگي کان پوءِ هڪ ٻئي طاقتور عورت جو انڪشاف

لاهور (م ر) پنجاب ۾ فرح گوگي کان پوءِ هڪ ٻئي طاقتور عورت پاران اهم ڪردار ادا ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. اڳوڻي خاتون اول بشريٰ بي بي جي پراڻي دوست فرح گوگي کان پوءِ هاڻ پنجاب ۾ هڪ ٻئي طاقتور عورت جو انڪشاف ٿيو آهي جنهن جي اثاثن ۾ نه صرف تمام گهڻو اضافو ٿيو پر ان جي پرڏيهي دورن ۽ انتهائي قيمتي زيورن جي خريداري جو به انڪشاف ٿيو آهي. ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: پاڪستان تحريڪ انصاف جو سربراهه عمران خان پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ حڪومت عام شهرين کي معلومات تائين رسائي جو حق ڏيڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي: وقار مهدي

لاڳاپيل ڌرين سان ملي ڪري سنڌ جي معلومات تائين رسائي جي قانون ۾ جيڪي خرابيون آهن کي ختم ڪيو وينداسين. هن ۾ اسان پنهنجو ڪردار ادا ڪنداسين

سرڪاري ادارن کان معلومات وٺي سگهن ٿا، اسان اسڪولن ۽ ڪاليجن سميت ٻين سطح تي هن قانون کي سليبس جو حصو ٺاهڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪنداسين

سنڌ ۽ وفاق جي معلومات جي رسائي جي قانون ۾ بهتري جي گنجائش موجود آهي، وفاقي انفارميشن ڪميشن گذريل ٻه سال کان غير فعال آهي: مختار احمد علي

ڪراچي (رپورٽر) سينٽر فار پيس اينڊ ڊيولپمينٽ انيشيئيٽو ۽ سنڌ انفارميشن ڪميشن جي سهڪار کان معلومات تائين رسائي جي قانون تي عمل ڪرڻ ۽ آئينده جي حڪمت عملي جي حوالي سان آر ٽي آءِ ڪانفرنس جو اهتمام ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

لاهور: پنجاب جي صحت بابت صوبائي وزير ڊاڪٽر ياسمين راشد پريس ڪانفرنس ڪندي

اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊون: عدالتي حڪم بعد شهري ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ پهتا

اڄ ملڪ جي تاريخ جو سڀ کان وڏو انوکو واقعو پيش آيو، صبح کان ووٽرز، پولنگ ايجنٽ ۽ عوام پولنگ اسٽيشن ٻاهران بيٺل رهيا: پي ٽي آءِ اڳواڻ

اليڪشن ڪميشن پاران تياري نه ڪرڻ وارو جواز نه ٿو ٺهي، حڪومت عوام کان ڊنل آهي، ان ڪري مختلف بهانن سان اليڪشن کان ڀڄي رهيا آهن

پولنگ اسٽيشنز بند رهيون، اليڪشن ڪميشن پاران عدالتي فيصلي تي عمل نه ڪرڻ توهين عدالت آهي، عدالت اهڙي اليڪشن ڪميشن کي فارغ ڪري

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊون ڪرائڻ واري عدالتي حڪم بعد اڄ ڪيترائي شهري ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ لاءِ پولنگ اسٽيشنز تي پهچي ويا، پولنگ اسٽيشنز بند هئڻ تي ووٽرز قطار ٺاهي احتجاج رڪارڊ ڪرايو شهرين چيو ته عدالتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي ۾ نئين سال جي موقعي تي موٽرسائيڪل جي ٻيلهه سواري تي ڪائي پابندي نه آهي: شرجيل ميمڻ

ڪراچي ۾ 31 هين ڊسمبر 2022ع ۽ پهرين جنوري 2023ع تي موٽرسائيڪل جي ٻيلهه سواري تي پابندي هوندي

شهر ۾ موٽرسائيڪل جي ٻيلهه سواري تي ڪائي پابندي نه آهي، شهري نئين سال جو جشن ملهائي سگهن ٿا پر هوائي فائرنگ نه ڪن

جشن دوران روڊ رستا بند ڪرڻ ۽ ون ويلنگ کان پاسو ڪيو وڃي، عوام جي سيڪيورٽي حڪومت جي پهرين ترجيح آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سماءُ واري وزير شرجيل ميمڻ چيو ته سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ۾ نئين سال جي موقعي تي موٽرسائيڪل جي ٻيلهه سواري تي ڪائي پابندي نه آهي، اڄ صبح ڪراچي جي ڪمشنر طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

2320ع ۾ گذريل حڪومت جي پيدا ڪيل بحرانن مان نڪري ايندا سين: شيري رحمان

حالتون بهتر ٿي رهيون آهن، 2022 پاڪستان لاءِ ڏکيو سال رهيو، ماحولياتي تبديلي جي بدترين اثرن تي پاڪستان دنيا جي ڌيان جو مرڪز رهيو

تازي تاريخ ۾ اهڙي تباهي جو مثال نٿو ملي، سياري ۾ به اسان جي لکين پائرن ۽ ڀينرون بي گهر آهن، ٻوڏ متاثرن جي مڪمل بحالي ۾ سال ڏين

اها اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي، اقتدار ۾ اينديءَ ملڪ کي ڏيوالي کان بچائڻ لاءِ ڏکيا فيصلا ڪرڻا پيا، نئون سال خوشيون آڻيندو

اسلام آباد (م ر) ماحولياتي تبديلي بابت وفاقي وزير شيري رحمان چيو آهي ته حالتون بهتر ٿي رهيون آهن، اميد آهي ته 2023 ۾ اسان اڳوڻي حڪومت جي پيدا ڪيل بحرانن مان نڪري ايندا سين. پنهنجي بيان ۾ شيري رحمان پاڪستانين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اڳوڻي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جا ٽيڪس گوشوارا پڌرا

آمريڪي قانون ساز اڳوڻي صدر جا ٽيڪس گوشوارا عوام لاءِ جاري ڪرڻ جي حق ۾ ووٽ ڏنا

ٽرمپ انتظاميه جمعي تي هزارين صفحن جا ٽيڪس ريٽرن جاري ڪندي جواب ڏنو

واشنگٽن (م ر) اڳوڻي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جا ٽيڪس گوشوارا پڌرا ڪيا ويا آهن. گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ آمريڪي قانون ساز اڳوڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

نئين سال جي آمد جو جشن: ٻيلهه سواري تي بندش

پابندي جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ٿيندي: ڪمشنر ڪراچي

سنڌ سرڪار جي پاليسي تحت سي ويو ڏانهن ويندڙ رستا بند نه ڪيا ويندا: عرفان بلوچ

ڪراچي (پورٽر) ڪراچي انتظاميا نئين سال جي آجيان جي موقعي تي ٻن ڏينهن لاءِ موٽرسائيڪل جي ٻيلهه سواري تي پابندي هٽي ڇڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪورونا جو امڪان: اسلام آباد ايئرپورٽ تي مسافرن جي اسڪريننگ شروع

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد ايئرپورٽ تي ڪورونا جي ڦهلجڻ واري امڪان کي نظر ۾ رکندي مسافرن جي اسڪريننگ جو عمل شروع ڪيو ويو آهي. ڪورونا وائرس جي ڦهلجڻ کي روڪڻ جي لاءِ سول ايوي ايشن اٿارٽي طرفان اسلام آباد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي اسڪريننگ جو عمل شروع ڪيو ويو آهي. بارڊر هيلٿ سروسز جي هدايت تي انٽرنيشنل آرائيول لائونج ۾ ڪورونا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسلام آباد: ماحولياتي تبديلي بابت وفاقي وزير شيري رحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

افغان بارڊر تي شهيد ٿيندڙ جوان جو مڙهه مٽيءَ ماءُ حوالي

سلطانپور (م ر) سلطانپور جي ڳوٺ خاصو واسي پاڪ افغان بارڊر تي دهشتگردن جي حملي ۾ شهيد ٿيل فوجي جوان حافظ عبدالرحمان جوڻيجو جي نماز جنازا سلطانپور ۾ ادا ڪئي وئي سندس جنازي نماز ۾ پاڪ فوج ۽ رينجرز آفيسرن، فنڪشنل ليگ صوبائي اڳواڻ نثار منگي، ڊويزنل اڳواڻ سيد شفقت شاهه، ڊي ايس پي عبدالرشد جوڻيجو، ڊائريڪٽر ايگريڪلچر رسول بخش جوڻيجو، فقير عنايت الله ٻرڙو، درگاهه پير جو ڳوٺ جي خليفن ۽ حر جماعت سميت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: سنڌ سماءُ وارو وزير شرجيل ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪندي

ملڪ ۾ هندو برادري خوف ۾ زندگي پئي گذاري: ذوالفقار جونيئر

اسان جي ملڪ ۾ خاص طور تي هندو ڀيل، باگڙي ۽ ڪولهي خوف ۾ زندگي بسر ڪري رهيا آهن

مون کي اميد آهي ته جوابدارن کي قانون جي پوري طاقت سان منهن ڏيڻو پوندو: پ پ ش پ باني جو فرزند

ڪراچي (م ر) پ ش پ جي باني شهيد ميرتضيٰ ڀٽو جو فرزند جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو چيو آهي ته ملڪ ۾ هندو برادري خوف واري زندگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪارڪنن کي غنڊو چوڻ تي ايم ڪيو ايم جو پي ٽي آءِ کي سخت جواب

جيڪڏهن اسان جا ڪارڪن غنڊا آهن ته عمران خان بهادرآباد ڇو آيو هو؟ پي ٽي آءِ جنهن ڪارخاني جي پيداوار آهي: ايم ڪيو ايم اڳواڻ

مخلص نه ٿي سگهي ته ايم ڪيو ايم جا ڪهڙا ٽورا مڃيندي، پي ٽي آءِ اڳواڻن جي تنقيد ڪانپوءِ ايم ڪيو ايم جو سخت ردعمل سامهون آيو آهي

ماضي ۾ تعريفون ڪندڙن کي اڄ اسان دهشتگرد نظر اچي رهيا آهيون، جيڪڏهن ايم ڪيو ايم ڪارڪن غنڊا آهن ته عمران خان بهادرآباد ڇو ايندو هو؟

ڪراچي (م ر) پي ٽي آءِ اڳواڻن جي تنقيد تي ايم ڪيو ايم اڳواڻن چيو آهي ته جيڪڏهن اسان جا ڪارڪن غنڊا آهن ته عمران خان بهادرآباد ڇو آيو هو؟ پي ٽي آءِ جنهن ڪارخاني جي پيداوار آهي، ان سان مخلص نه ٿي سگهي ته ايم ڪيو ايم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

نئين سال جي آمد تي حڪومت عوام کي رليف نه ڏنو، تيل اگهه برقرار رکڻ جو فيصلو

پيٽرول ۽ ڊيزل جا موجوده اگهه ايندڙ 15 ڏينهن تائين ساڳيا ئي رهندا، عالمي مارڪيٽ ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اضافو ٿيو آهي: اسحاق ڊار

پاڪستان ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جون قيمتون برقرار رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي، پهرين کان 15 جنوري تائين پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ ڪا تبديلي نه ٿيندي

گاسليٽ جي قيمت 171 رپيا 83 پيسا في ليٽر برقرار رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي، نئين سال جي آمد دوران به لائيٽ ڊيزل جي قيمت 169 رپيا في ليٽر برقرار رهندي

اسلام آباد (م ر) وفاقي حڪومت پيٽروليم شين جي نئين قيمتن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ناڻي واري وزير اسحاق ڊار ايندڙ 15 ڏينهن لاءِ پيٽروليم شين جي قيمتن جو اعلان ڪري ڇڏيو. ناڻي واري وزير چيو ته پيٽرول ۽ ڊيزل جا موجوده اگهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

لاهور: پنجاب جي وڏو وزير پرويز الاهي سان چيئرمين نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي ليفٽيننٽ جنرل انعام حيدر ملڪ ملاقات ڪندي

اليڪشن ڪميشن خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪئي وڃي: پي ٽي آءِ اڳواڻ

تحريڪ انصاف جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل اسد عمر اليڪشن ڪميشن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪري ڇڏيو

هي امپورٽڊ حڪومت اهڙو نظام بنائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي جنهن ۾ جمهوريت ته هجي پر ڪا به چونڊ نه ٿئي: اسد عمر

هي حڪومت جمهوريت جو جنازو ڪڍي رهي آهي، اسلام آباد ۾ ووٽر پولنگ اسٽيشن جي ٻاهران بيٺل آهن: فواد چوڌري

اسلام آباد (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف اليڪشن ڪميشن طرفان اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊون نه ڪرائڻ جي عدالتي حڪم کي ڪلي توهين قرار ڏئي ڇڏيو. تحريڪ انصاف جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل اسد عمر اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

فلپائن ۾ ٻوڏ جي تباهي، 44 ڄڻا اجل جو شڪار، سوين گم

منيلا (م ر) فلپائن ۾ ٻوڏ تباهي مچائي ڇڏي آهي جنهن نتيجي ۾ 44 ڄڻا اجل جو شڪار ۽ سوين گم ٿي ويا آهن. پرڏيهي ميڊيا موجب ڪرسمس ڪانپوءِ جاري برساتن سبب ٻوڏ جي صورتحال پيدا ٿي ۽ لينڊ سلائيڊنگ جي واقعن ۾ 44 حياتيون وڃائي ويٺا آهن جڏهن ته مختلف واقعن ۾ ڪيترائي شهري زخمي ٿي چڪا آهن. رپورٽ موجب اوڀر ايشيا جي ملڪ فلپائن ۾ جاري طوفاني برساتن سبب ڪليرين ۾ تباهي اچي وئي هزارين گهر ڊهي پٽ ٿي ويا ۽ روڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام آباد: پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري ۽ اسد عمر پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ حڪومت جي ترجمان وڏي ناڪاميءَ جو اعتراف ڪري ورتو

اسٽريٽ ڪرائم هڪ مسئلو آهي، جنهن کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ڪامياب ناهيون ٿي سگهيا: مرتضيٰ وهاب

سڀني کي گڏجي ڏوهن خلاف ڪارروائي ڪرڻي پوندي، 15 ڊسمبر تي اين اي ڊي جو شاگرد قتل ٿيو

وڊيو ۾ به جوابدار نظر آيا، هڪ جوابدار نظام الدين کي گرفتار ڪيو ويو، ٻيو اڄ پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو

ڪراچي (م ر) سنڌ حڪومت جي ترجمان مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته اسٽريٽ ڪرائم هڪ مسئلو آهي، جنهن کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ڪامياب ناهيون ٿي سگهيا، سڀني کي گڏجي ڏوهن خلاف ڪارروائي ڪرڻي پوندي. ڪراچي ۾ پريس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

مسافرن جي سهولتن جي لاءِ مسلسل قدم کنيا رهيا آهيون: سول ايوي ايشن حڪام

عدالت سمورن قدمن جي حوالي سان تفصيلي ۽ اڳيرئي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي

ائيرپورٽس ته آءِ بي ايم ايس ۽ مشين ريڊيبل پاسپورٽ سسٽم به لڳايو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ جسٽس جمال الدين مندوخيل ۽ جسٽس حسن اظهر رضوي تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ ايئرپورٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ حڪومت ڪورونا وائرس جي دوران ڀرتي ٿيندڙن 750 ويڪسينيٽرن کي ملازمت برطرف ڪرڻ جي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ حڪومت ڪورونا وائرس جي دوران ڀرتي ٿيندڙن 750 ويڪسينيٽرن کي ملازمت برطرف ڪرڻ جي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. ڪيس ۽ عدالت سماعت ۽ وفاقي حڪومت، پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ۽ ٻين کي 17 جنوري تي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته حڪومت 2021ع ۾ ويڪسينيٽرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: سنڌ حڪومت جو ترجمان مرتضيٰ وهاب پارٽي تقريب کي خطاب ڪندي

الوداع، پاڪستان ۾ 2022 جو آخري سج لهي ويو

عوام سال 2023 جي آجيان لاءِ پرجوش آهي، پشاور ۾ سج 4 لڳي 50 منٽن تي لٿو

اسلام آباد ۾ 5 لڳي 10، لاهور ۾ 5 لڳي 10، ڪراچي ۽ ڪوئيٽا ۾ 5 لڳي 30 منٽن تي سج لٿو

ڪراچي (م ر) پاڪستان ۾ سال 2022 جو آخري سج لهي ويو ۽ عوام سال 2023 جي آجيان لاءِ پرجوش آهي. سج لهڻ تي منظر ڪيترن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ٽنڊو محمد خان ۾ اٽو نہ ملڻ ۽ مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو، نعري بازي

اسٽيشن چوڪ کان درجنين عورتن ۽ مردن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

واپارين پاران اٽي جي قيمت 140 روپيہ کان 150 روپيہ في ڪلو مقرر ڪري ڇڏي آهي: مظاهرين

نوٽيس وٺي اٽي جي قيمتن ۾ هٿرادو واڌ ڪندڙ واپارين خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي: مطالبو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ اٽو نہ ملڻ ۽ مهانگائي خلاف محنت ڪش عوام پاران اسٽيشن چوڪ کان درجنين عورتن ۽ مردن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽنڊو محمد خان: اٽو نہ ملڻ ۽ مهانگائي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

راڌڻ ديرو ۾ بہ اٽو 130 روپيہ ڪلو ٿي ويو، پورهيت طبقو فاقہ ڪشي تي مجبور

راڌڻ ديرو (رپورٽر) پوري سنڌ جيان راڌڻ ديرو ۾ بہ اٽو 130 روپيہ ڪلو ٿي ويو غريب، مزدور ۽ ڏهاڙيدار طبقو فاقا ڪشي تي مجبور بڻجي ويو اٽو لٽو ۽ اجهو جو نعرو هڻندڙ حڪمرانن جي ڪن تي جوءِ نہ چري سگهي، رپورٽ موجب پوري سنڌ جيان راڌڻ ديرو ۾ بہ اٽو 130 روپيا وڪامڻ لڳو آهي. جنهن سبب غريب ۽ مزدور طبقو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

واره ۾ گهريلو گيس فراهمي جي مڪمل بندش برقرار پريشر بہ تمام گهٽ، انتظاميہ غائب

سئي سدرن گيس ڪمپني خلاف احتجاج واره سوشل فورم اڳواڻ **رياض ڪلهوڙو** جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

شهر جي عوام کي درپيش گهريلو گيس وارو مسئلو هر سال جيان هن سال بہ برقرار بڻيل آهي: رياض ڪلهوڙو

واره (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) واره ۾ گهريلو گيس فراهمي جي مڪمل بندش برقرار پريشر بہ تمام گهٽ، سئي سدرن گيس ڪمپني خلاف احتجاج واره سوشل فورم اڳواڻ رياض ڪلهوڙو مسلسل ٻارنهين ڏهاڙي بہ تعلقہ پريس ڪلب پهچي گيس انتظاميہ خلاف احتجاج ڪيو مظاهرين پاران سيشن جج قمبر ۽ ٻين وس وارن کان نوٽيس وٺي گيس انتظاميہ کان پڇاڻو ڪري، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

دادو ۾ ڌرتي ڌڻي تحريڪ جي ڪارڪن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ ماني اٽو کڻي پيادل مارچ

سنڌ حڪومت ۽ ضلع حڪومت خلاف سخت نعري بازي ڪري ڪچهري روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو، سخت نعري بازي

دادو سميت پوري سنڌ ۾ فوڊ کاتو ۽ سنڌ حڪومت گم آهي جنهن سبب ڪڻڪ جو اٽو ناياب ٿي ويو آهي: اڳواڻ

تيل، گيہ، سبزي سميت هيو عام واهپي وارين شين جا اگهہ آسمان سان ڳالهيون ڪن پيا، غريب طبقو پريشان آهي

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ ڌرتي ڌڻي تحريڪ جي ڪارڪن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ ماني اٽو کڻي دادو موئن ناڪي کان پيادل مارچ ڪري دادو پريس ڪلب اڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سنڌ حڪومت ۽ ضلع حڪومت خلاف سخت نعري بازي ڪري ڪچهري روڊ تي ڌرڻو هنيو،ان موقعي تي منير جمالي،نياز برهماڻي،منير چانڊيو،سجاد ابڙو،راشد ٻهر ۽ ٻين صحافين اڏو ڏانهين نہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

دادو ۾ ڌرتي ڌڻي تحريڪ جي ڪارڪن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ ماني اٽو کڻي پيادل مارچ جو ڏيک

ڳڙهي خيرو پرسان سرعام جوا هلڻ لڳو

ڳڙهي خيرو (رپورٽر) ڳڙهي خيرو ويجهو دوداپور ٿاڻي جي حد ۾ سرعام جوا هلڻ لڳو نوجوان نسل تباهہ ٿيڻ لڳو پوليس جي منٿلي مقرر دوداپور ٿاڻي جي حد شهر جي قبرستان واري علائقي ۾ سرعام روزاني جي بنياد تي لڪين رپين جي جوا هلندڙ سرعام جوا جا اڏا هلڻ سبب نوجوان نسل تباهہ ٿيڻ لڳا پوليس جي وڏي بيماني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

اوباوڙو جوابدارن جو گهر تي حملو، عورت کي ڌيءُ سميت مارٽينگ ڪري ڇڏيو

باٿر 4 جوابدار رضا رند 3 ساٿين سميت افضل رند جي گهر ۾ داخل ٿي حملو ڪري ڏنو

عورت ۽ ڌيءُ کي لٺين ۽ ڪهاڙين جا ڌڪ هڻي مرٽينگ ڪري جوابدار آساني سان فرار ٿي ويا

زخمي ٿيل افضل جي گهرواري ۽ ڌي شيخ زائد اسپتال رحيميار خان ۾ علاج لاءِ داخل ڪيو ويو

اوباوڙو (رپورٽ:غلام علي رند) اوباوڙو شهر جي سومرا محلي ۾ 27 ڊسمبر جي ڏينهن 12 بجي باٿر 4 جوابدار رضا رند 3 ساٿين سميت افضل رند جي گهر ۾ داخل ٿي ان جي گهرواري ۽ ان جي ڌي کي لٺين ۽ ڪهاڙين جا ڌڪ هڻي مرٽينگ ڪري جوابدار آساني سان فرار ٿي ويا جڏهن تہ زخمي ٿيل افضل جي گهرواري ۽ ڌي شيخ زائد اسپتال رحيميار خان ۾ علاج لاءِ داخل جڏهن تہ جوابدارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز پوليس جون ڏوهارين خلاف ڪارروايون جو سلسلو جاري

پوليس ڦرجي ڪيس ۾ گهربل 10 جوابدار گرفتار ڪري ورتا، منشيات پڻ هٿ ڪري ورتي

ايس ايڇ او خانواهڻ لعل ڏنو ڪارروائي ڪري سماج دشمن عنصرن کي گٽڪي سميت گرفتار ڪيو

مورو پوليس مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪندي 06 منشيات فروشن کي شراب ۽ ٻيو مواد هٿ ڪيو

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ايس ايس پي نوشهروفيروز عبدالقيوم پتافي جي هدايتن تي ڏوهارين خلاف ڪارروايون جو سلسلو جاري آهي. ڦرجي ڪيس ۾ گهربل 10 جوابدار گرفتار چرس، شراب، منشيات جو نقصانڪار گٽڪو ۽ غير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهروفيروز پوليس جون ڏوهارين خلاف ڪارروايون جو سلسلو جاري، گرفتار جوابدار نظر اچن ٿا

ريتي ۾ چاچڙ برادري جي 16 ويسوا پلاٽ جي مالڪي تان پٽا ـ چاچڙ تڪرار تيز ٿي ويو

ريتي (رپورٽر) ريتي ۾ چاچڙ برادري جي 16 ويسوا پلاٽ جي مالڪي تان پٽا / چاچڙ تڪرار تيز ٿي ويو غلام نبي چاچڙ جي 16 ويسوا پلاٽ تي پٽا برادري جي بااثرن جو مبينا قبضو برقرار ۽ پٽا برادري جي هٿياربندن جي مبينا حملي ۾ غلام نبي چاچڙ، عابد چاچڙ، ارسلان چاچڙ سخت زخمي ٿي پيا. پوليس بااثر وڏيرن جي جوڻ تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سرحد ۾ حڪومت پاران سستي اٽي جا اسٽال لڳائڻ واري اعلان تي عمل نہ ٿي سگهيو

شهر ۾ اٽو اٽليپ اتحاد فلور مل شهر ۾ سستي اٽي جو اسٽال نہ لڳائي سگهي، پورهيت طبقو پريشان

سگهي 65 روپيہ وارو اٽو اوپين مارڪيٽ ۾ بليڪ تي 140 روپيہ ٽائين وڪرو ٿيڻ لڳو، انتظاميہ غائب

اتحاد فلور مل مالڪن خلاف ڪارروائي ڪري عوام کي سستو اٽو فراهم ڪيو وڃي : سڄاڻ ڌريون

سرحد (رپورٽر)سرحد ۾ حڪومت پاران سستي اٽي جا اسٽال لڳائڻ واري اعلان تي عمل نہ ٿيو شهر ۾ اٽو اٽليپ اتحاد فلور مل طرفان شهر ۾ سستي اٽي جو اسٽال نہ لڳائي سگهي 65 روپيہ وارو اٽو اوپين مارڪيٽ ۾ بليڪ تي 140 روپيہ ٽائين وڪرو ،غريب طبقي جا مٿي تي هٿ 2 ويلا ماني کپي لاءِ پريشان مل انتظاميا خلاف ڪارروائي جو مطالبو خبر موجب، سرحد ۾ اتحاد فلور مل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

شڪارپور پريس ڪلب جون چونڊون، رحيم بخش جمالي صدر چونڊجي ويو

پريس ڪلب جي سال 2023 جون چونڊون اليڪشن ڪمشنر سينئر ايڊووڪيٽ عبدالقادر ابڙو ۽ ٻين جي نگراني ۾ ٿيون

سخت مقابلي بعد صدر رحيم بخش جمالي، نائب صدر ديدار سومرو، جنرل سيڪريٽري وحيد بروهي چونڊجي ويا

ايگزيڪيوٽو ڪميٽي تي محمد عيسي خان پٺاڻ، وسيم سنجراڻي، محمد ابراهيم بروهي ۽ عارف قريشي ڪامياب ٿي ويا

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) شڪارپور پريس ڪلب جون چونڊون، رحيم بخش جمالي صدر ۽ وحيد بروهي جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا، خبر موجب: شڪارپور پريس ڪلب جي سال 2023 جون چونڊون اليڪشن ڪمشنر سينئر ايڊووڪيٽ عبدالقادر ابڙو، ايڊووڪيٽ علي اصغر ڀٽو ۽ معاون عاشق علي دايو جي نگراني ۽ ۾ شڪارپور پريس ڪلب ۾ ٿي گذريون. جنتي سخت مقابلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

شڪارپور پريس ڪلب جون چونڊون، رحيم بخش جمالي صدر چونڊجي ويو

ٽائون ڪميٽي ڪنڊڙا جي وارڊ جي ٽن گهرن کي باهہ لڳي وئي

ڪنڊڙا (رپورٽر) ٽائون ڪميٽي ڪنڊڙا جي وارڊ ٽنڊو علي آباد ۾ ٽن 3 گهرن کي بجلي جي شاٽ سرڪٽ مان باهہ لڳڻ سبب الہ تلہ سڙي رک متاثر ڪليل آسمان هيٺ ويٺل ڪنهن بہ وس وارن سار نہ لڌي ڪنهن مسيحا جون نظرون منتظر تفصيل موجب ٽائون ڪميٽي ڪنڊڙا جي وارڊ ٽنڊو علي آباد ۾ محمد علي اٽيرو اشرف علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سرحد ۾ پوليس جي چورن کي کلي ڇوٽ، چورن مختلف علائقن جو ٽيڪو کڻي ڇڏيو

هڪ ئي رات ۾ ملڪ کي ڀاري ويا، راجا پمپ پرسان چور ٽرانسفارمر لاهي ڪوائل چٽ ڪري فرار

سرڪاري اسڪارپ ايريگيشن جي ٽيوب ويل تا لڪين رپين جو موٽر تارون دروازا چوري ڪري ويا

نامعلوم چور قومي شاهراهہ تي بيٺل وزير احمد لڪڻ جو ٽرانسفارمر آساني لاهي ڪوائل ڪڍي رفوچڪر ٿي ويا

سرحد (رپورٽر) سرحد ۾ پوليس جي چورن کي کلي ڇوٽ، چورن مختلف علائقن جو ٽيڪو کڻي ڇڏيو هڪ ئي رات ۾ ملڪ کي ڀاري ويا، راجا پمپ پرسان چور ٽرانسفارمر لاهي ڪوائل چٽ ڪري فرار، پوليس حد بندين ۾ پوري، خبر موجب سرحد ۽ انجي ڀرپاسي وارن علائقن جو چورن ٽيڪو کڻي ڇڏيو بجلي جون تارون،سرڪاري ٽيوب ويلن جا ٽرانسفارمر، لڪين رپين جا هيوي موٽر لاهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

بلڙي شاهہ ڪريم ۾ آرڪيالاجي کاتي جي ٽيم مسجد جي ماپ ڪري ملبي جا سيمپل ورتا

وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاهہ پاران قديمي مسجد کي شهيد ڪرڻ تي نوٽيس ورتو: انجنيئر محمد يونس

رپورٽ تيار ڪري ايگزيڪيوٽو ڪميٽي کي موڪلي ويندي تمام جلد مسجد جو مرمتي ڪم شروع ڪيو ويندو

بلڙي شاهہ ڪريم (رپورٽر) صوبائي وزير ثقافت سيد سردار شاهہ جي حڪم تي آرڪيالاجي کاتي جي ٽيم انجنيئر محمد يونس ۽ ولي محمد چنا جي سربراهي ۾ ڏاڏون شهر پهچي 400 سال پراڻي مغليہ دؤر جي قديمي مسجد جو وزٽ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ مهنگائي ۽ غربت آهي: سراج الحق

حڪمرانن جا ڪتا ۽ گهوڙا مزي ۾ آهن عوام کان اٽو کسيو ويو آهي

ٻوڏ جي ڪري صوبو سنڌ متاثر ٿيو آهي لڪين ماڻهو امداد جا منتظر آهن

گهارو (نمائندو سنڌيار) سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ مهنگائي ۽ غربت آهي پر سنڌ سرڪار ان تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي حڪمرانن جا ڪتا ۽ گهوڙا مزي ۾ آهن عوام کان اٽو کسيو ويو آهي سراج الحق تفصيل موجب جماعت اسلامي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

مٺياڻي پرسان 2 ڏينهن اڳ چوري ٿيل مينهن پوليس هٿ ڪري ورتي

ايس ايڇ او مٺياڻي نصرالله جانوري جي محنت کي ساراهيو ۽ ڪيس نوٽن جا هار پارايا

ٻن جوابدارن زاهد ڏونگهہ کي گرفتار ڪري غلام علي جهنڊير جي فرياد تي ڪيس داخل

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) مٺياڻي لڳ ڳوٺ شادي خان جهنڊيرمان بہ ڏينهن اڳ چوري ٿيل مينهن مٺياڻي پوليس هٿ ڪري ورتي پاڳين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

مانجهند پرسان جوابدار سروٽا هڻي ٻن ڀائرن کي سخت زخمي ڪري فرار

ڳوٺ ٻنو ۾ شوڪت لاڪو مبينا نشي ۾ ڏت تي گارگند بعد ٻن ڀائرن کي زخمي ڪيو

جوابدار شوڪت لاڪو روزانو نشي ۾ ڏت تي شريف ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: وارث

مانجهند (رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) مانجهند پرسان ڳوٺ ٻنو ۾ شوڪت لاڪو مبينا نشي ۾ ڏت تي گارگند بعد سروٽا هڻي 2 ڀائرن غلام رسول لاڪو ۽ نظام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دادو: زخمين جو اسپتال ۾ علاج ڪيو پيو وڃي

روهڙي جو پراڻو تفريحي پارڪ انتظاميہ جي بي ڌياني ۽ لاپرواهي سبب تباهہ ٿي ويو

خوبصورت چانورن وڻن ۽ ٻوٽن جي خوشبودار گلن جي ڪري هي تفريح گاهہ بہ تباهہ ٿي ويو، انتظاميہ غائب

جناح پارڪ ۾ هڪ بہ چانورن وارو وڻ نہ بچيو هو، نہ گل هئا ۽ نہ ٻوٽا، بينچن کي بہ نقصان پهتو آهي

روهڙي (رپورٽر) روهڙي جي مصروف ترين ۽ مصروف ترين علائقي اسٽيشن روڊ تي پلاڻ ڪالوني ۾ قائم شهر جو پراڻو ۽ معروف تفريحي پارڪ انتظاميہ جي بي ڌياني ۽ لاپرواهي سبب تباهہ ٿي ويو آهي ۽ خوبصورت چانورن وڻن ۽ ٻوٽن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

پي پي ايڇ آءِ صحت جون سهولتون فراهم ڪري رهي آهي: مير الله بخش ٽالپر

ضلعي بدين ۾ پڻ پي پي ايڇ آءِ صحت جون مفت سهولتون ڏئي رهي آهي : ايم پي اي

هن ڊسپينسري کي اپ گريڊ ڪري 24 ڪلاڪ سروس لاءِ لاڳاپيل کاتن کي پڻ خط لکيو ويندو

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) ايم پي اي مير الله بخش ٽالپر پي پي ايڇ آءِ جي نگراني ۾ هلندڙ گورنمينٽ ڊسپينسري ٻوهرو صاحب خان تعلقو ٽلهار جو افتتاح ڪيو هن افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ ۾ 2007 کان پي پي ايڇ آءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

بدين: ايم پي اي مير الله بخش ٽالپر پي پي ايڇ آءِ جي نگراني ۾ هلندڙ گورنمينٽ ڊسپينسري ٻوهرو صاحب خان تعلقو ٽلهار جو افتتاح ڪندي

ملڪ اندر پوندڙ مها برسات سنڌ جي زراعت کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي: اسحاق ٽنيو

سنڌ جي 70 سيڪڙو ماڻهن جي روزگار جو ذريعو زراعت هئي جيڪا برساتي ٻوڏ سبب تباهہ ٿي چڪي آهي

لڪين متاثر مارو ڙا هن وقت معاشي بدحالي جي ڪري انتهائي ڏکي صورتحال واري زندگي گذاري رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌ واسي ٻوڏ متاثرن جي سهائتا ڪندڙن روزگار نيٽ ورڪ جي باني اسحاق ٽنيو طرفان ڏيهہ موٽي اچڻ تي ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

گلشن معمار ۾ ٻوڏ متاثرن جي نالي کي استعمال ڪندڙن مٿان ڪيس داخل

حڪومت سنڌ کي گهرجي تہ اهڙي لينڊ گريبرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري: متاثر

معاملي جو نوٽيس وٺي ايم ڊي اي جي زمين کي قبضا گيرن کان خالي ڪرائي ڏنو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) گلشن معمار پوليس ٿاڻي جي حد گلشن سيد ٽينٽ سٽي جي نالي تي ٻوڏ متاثرن کي استعمال ڪندڙ لينڊ مافيا جي سرغنہ احمد علي شاهہ ڪاظمي، حنيف ڪاڪو، ملڪ فاروق سميت 15 نامعلوم ماڻهن مٿان گلشن معمار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

غوثپور جي اسپتال ۾ 35 سال ملازمت ڪندڙ حافظ رحيم بخش لولئي جي رٽائر ٿيڻ تي الوداعي تقريب

تقريب ۾ موجود سپريڊنٽ انچارج آفيسر ڊاڪٽر سيد اعجاز احمد شاهہ جيلاني ۽ ٻين ملازمن پاران ڪيس اجرڪ پارايا ويا

حافظ رحيم بخش لولئي پنهنجي ڊيوٽي هميشہ ايمانداري سان ادا ڪئي، سندس خدمتون هميشہ ياد رهنديون: مقرر

اسپتال ۾ ايندڙ هر مريض توڙي ايمرجنسي ۾ ايندڙ زخمين جو پڻ ترت علاج ڪري سندن جي بهتر سارسنڀال ڪندو هو

غوثپور (رپورٽ:عبدالنبي ملڪ) غوثپور رورل هيلٿ سينٽر اسپتال غوثپور ۾ 35 سال ملازمت ڪندڙ حافظ رحيم بخش لولئي جي رٽائر ٿيڻ بعد غوثپور اسپتال ۾ انچارج آفيسر ڊاڪٽر سيد اعجاز احمد شاهہ جيلاني پاران سندس جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

غوثپور جي اسپتال 35 سال ملازمت ڪندڙ حافظ رحيم بخش لولئي جي رٽائر ٿيڻ تي الوداعي تقريب جو ڏيک

بلڙي شاهہ ڪريم پرسان قتل ڪيس جي جوابدار کي عدالت عمرقيد ۽ هڪ لک ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

بلڙي شاهہ ڪريم (رپورٽر) بلڙي شاهہ ڪريم ٿاڻي جي حد ڳوٺ حاجي عبد الله رند ۾ بيدردي سان قتل ٿيل هاءِ اسڪول عبدالرحيم ڪاٺيار جي اٺين ڪلاس جي شاگرد 14 سالا ٻچو ولد ڏيرجي ڪولهي واري قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدار ويرجي ڪولهي کي جناب سيشن جج ٽنڊو محمد خان ڏوهہ نمبر 30/21 يو سيڪشن 302 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

جروار واسي نوجوان وڪي ڪمار شادي نہ ڪرائڻ تان پاڻ کي باهہ ڏئي ڇڏي

وارثن ۽ علائقي واسين پاران پاڻ کي باهہ ڏيئي ساڙيندڙ نوجوان کي بيهوشي جي حالت ۾ اسپتال پهچايو

پسند جي شادي نہ ڪرائڻ تان اهڙو واقعو پيش آيو آهي، نوجوان جو سٺر سيڪڙو جسم سڙي ويو آهي: ڊاڪٽر

ڪراچي (باغي ساگر) جروار واسي نوجوان وڪي ڪمار شادي نہ ڪرائڻ تان گهرڀاتين کان ناراض ٿي گهر ٻاهريان گهٽي ۾ پاڻ مٿان پيٽرول هاري باهہ ڏيئي ڇڏي گهٽي جو ڳي حالت ۾ سکر اسپتال منتقل نوجوان جو سٺر سيڪڙو جسم سڙي ويو آهي ڊاڪٽر تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو ويجهو جروار شهر سان تعلق رکندڙ نوجوان وڪي ڪمار گزريل ڏينهن شادي نہ ڪرائڻ تان گهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز ۾ هيلٿ پروفيشنل پيراميڊڪس ايسوسيئيشن پاران الوداعي تقريب

ڊاڪٽر اڪبر علي قل ۽ پيراميڊيڪس اڳواڻ قيصر خان چانڊيو جي رٽائرڊ ٿيڻ جي مان ۾ الوداعي تقريب منعقد ٿي

اسان جي روايت رهي آهي تہ هر ايندڙ کي ڀليڪار ۽ ويندڙ کي اجتماعي طور الوداع ڪندا آهيون: خادم حسين مستوئي

هيءَ تقريب بہ ان روايت جو حصو آهي هن وقت ميڊيڪل ۽ پيراميڊيڪل اسٽاف کي متحد ٿيڻ جي ضرورت آهي

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) هيلٿ پروفيشنل پيراميڊڪس ايسوسيئيشن سنڌ پاران مهراڻ سٽيزن ڪلب ۾ اڳوڻي DHO ڊاڪٽر اڪبر علي قل ۽ پيراميڊيڪس اڳواڻ قيصر خان چانڊيو جي رٽائرڊ ٿيڻ جي مان ۾ الوداعي تقريب منعقد ٿي جنهن جو مهمان خاص ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر نوشهروفيروز ڊاڪٽر اسد ڪلهوڙو هو جڏهن تہ تقريب جي صدارت هيلٿ پروفيشنل پيراميڊڪس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهروفيروز ۾ هيلٿ پروفيشنل پيراميڊڪس ايسوسيئيشن پاران الوداعي تقريب جو ڏيک

ڊي ايس پي گهوٽڪي حافظ عبدالقادر چاچڙ عوام لاءِ پيغام جاري ڇڏيو

گهوٽڪي (رپورٽر) ڊي ايس پي گهوٽڪي حافظ عبدالقادر چاچڙ صاحب طرفان گهوٽڪي تعلقي جي عوام لاءِ اهم پيغام. گهوٽڪي تعلقي جي عوام کي آگاهہ ٿو ڪجي تہ نئون سال 2023 اچي رهيو آهي ان دوران ڪابہ هوائي فائرنگ وغيرہ نہ ڪئي وڃي ايس ايڇ اوز صاحبان ۽ وڏن منشين کي سختي سان حڪم ڏجي ٿو تہ جيڪو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

خيرپور ناٿن شاهہ پرسان سيد ۽ ايري برادري ۾ جهيڙو، عورت قتل

ڳوٺ لڌو خان گاڏهي ۾ ٻارڙن جي معمولي ڳالہ تان سيد ۽ ايري برادري ۾ جهيڙو ٿي پيو

سر لڳڻ سبب اميران زال انور علي ايري موقعي تي مارجي وئي، واقعي جو ڪيس داخل نہ ٿيو

تعلقہ اسپتال کي اين شاهہ ۾ ليڊي ڊاڪٽر نہ هجڻ ڪري لاش کي دادو سول اسپتال موڪليو ويو

خيرپور ناٿن شاهہ (رپورٽ:برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهہ ڳوٺ لڌو خان گاڏهي ۾ ٻارن جي معمولي ڳالہ تان سيد ۽ ايري برادري ۾ جهيڙو، سر لڳڻ سبب عورت مارجي وئي خيرپور ناٿن شاهہ ٿاڻي جي حد ڳوٺ لڌو خان گاڏهي ۾ ٻارڙن جي معمولي ڳالہ تان سيد ۽ ايري برادري ۾ جهيڙو ٿي پيو. سر لڳڻ سبب اميران زال انور علي ايري موقعي تي مارجي وئي، ٻئي پاسي تعلقہ اسپتال کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

بدين ۾ پ پ ڇڏڻ جو اعلان واپس وٺڻ لاءِ ايم پي اي ۽ ٻيا اڳواڻ رئيس عبداللطيف بروهي وٽ پهچي ويا

ضلعي ڪائونسل جي اميدوار رئيس عبداللطيف بروهي ڳوٺن تي مسلسل پوليس چڙهاين عورتن مردن ٻارڙن جي تذليل بعد پ پ ڇڏڻ جو اعلان ڪيو هو

پي پي ضلع بدين جو صدر حاجي محمد رمضان چانڊيو ايم پي اي تاج محمد ملاح حاجي شير جمالي **رئيس عبداللطيف بروهي** کي پرچائڻ لاءِ پهچي ويا

سڄي ڳوٺ سان زيادتيون ڪيون ويون آهن ان لاءِ هو ڳوٺاڻن جو ڪٺ گهرائي، شامل ٿيڻ يا شامل نہ ٿيڻ بابت حتمي فيصلو ڪيو ويندو: رئيس عبداللطيف بروهي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) پ پ پ ڇڏڻ جو اعلان واپس وٺڻ ۽ پ پ پ ٽڪيٽ تي چونڊ وڙهڻ لاءِ پ پ ضلعي صدر بدين جو ايم پي اي رئيس عبداللطيف بروهي وٽ پهچي ويا رئيس پارٽي اڳواڻن کي چيو تہ برادري ۽ راڄن سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

بدين ۾ پ پ ڇڏڻ جو اعلان واپس وٺڻ لاءِ ايم پي اي ۽ ٻيا اڳواڻ رئيس عبداللطيف بروهي وٽ پهچي ويا

ميرپورخاص ۽ ڀرپاسي ۾ بي ڌياني سبب شهر ۾ اٽو اٽليپ ٿي ويو

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص ۽ ڀرپاسي مهانگائي جي راڪاس جا لا مارا ميرپورخاص ۽ ڀرپاسي جي ٽنهين وڏن شهرن ۾ خوراڪ کاتي جي بي ڌياني سبب شهر ۾ اٽو اٽليپ ٿي ويو غريب ماڻهون هڪ ويلي جي ماني لا پريشان ميرپورخاص ۾ حد کان وڌيڪ مانگهو اٽو ٿيڻ سبب غريب هاري ۽ مزدور طبقو سخت پريشاني کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بدين ضلعي انتظاميا مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام بڻجي وئي

ڪڻڪ جو اٽو 145 روپيا ڪلو وڪامڻ لڳو عام واهپي جي شين جا اگهہ چوٽ چڙهيل

شهر ۾ هر دوڪاندار شين جا پنهنجا اگهہ مقرر ڪري ڇڏيا، غريب ۽ پورهيت طبقو پريشان

نوٽيس وٺي ڪڻڪ جو اٽو سرڪاري اگهہ تي 65 روپيا ڪلو ڏياريو وڃي : سڄاڻ ڌريون

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) ضلع انتظاميا مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام ڪڻڪ جو اٽو 145 روپيا ڪلو وڪامڻ لڳو عام واهپي جي شين جا اگهہ چوٽ چڙهيل انتظاميہ اگهن جو نوٽيس نہ ورتو تفصيل موجب: بدين ۾ عام واهپي اٽو، چانور، گيہ، سبزين سميت ڪاڌي پيتي جي شين جا اگهہ چوٽ چڙهي ويا آهن بصر 200 روپيا، ٽماٽا، پٽاٽا 50 روپيا ڪلو، ايري چانور 100 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ملير ندي جي ڪناري تي 2022 جي لهندڙ سج کي سلامي بابت پروگرام جو اهتمام

پروگرام ۾ پاڪستان خاصخيلي اتحاد جي اڳواڻ يعقوب خاصخيلي ساجد غلام جوکيو ۽ ٻين جي شرڪت

زمينن تي قبضا امن امان جي صورتحال ملير غيرن جي آبادڪاري چوري ۽ ڦرن جي وارداتن ۾ اضافو وڌي ويو: اڳواڻ

اڄ تہ اسان سيئي وچن ڪريون تہ گڏ ٿي نئين سال لاءِ ڪوشش ڪريون ۽ ملير کي بچايون: ڊاڪٽر غلام محمد بروهي

ڪراچي (رپورٽر)ملير ندي جي ڪناري تي 2022 جي لهندڙ سج کي سلامي ۽ علمي ادبي سرمئي شام جي حوالي سان پروگرام جو اهتمام ڪيو ويو پروگرام عوامي پريس ڪلب ملير جي طرفان رکيو ويو پروگرام ۾ پاڪستان خاصخيلي اتحاد جي اڳواڻ يعقوب خاصخيلي ساجد غلام جوکيو ڪراچي رورل نيٽ ورڪ ڪرن جي جنرل سيڪريٽري سليم جي ميمڻ سنڌ بروهي اتحاد جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ملير ندي جي ڪناري تي 2022 جي لهندڙ سج کي سلامي بابت پروگرام جو ڏيک

دوڙ ۽ سٽي نوابشاهہ جي نون چونڊيل يوسي چيئرمينن ۽ ضلع ڪائونسل ميمبرن جو اجلاس

نوابشاهہ (رپورٽر) تعلقي دوڙ ۽ سٽي نوابشاهہ جي نون چونڊيل يوسي چيئرمينن ۽ ضلع ڪائونسل ميمبرن جو هڪ اجلاس ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ جي صدارت هيٺ دربار هال ۾ ٿي گذريو اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر شهريار گل ميمڻ چيو تہ قاضي احمد، دوڙ، نوابشاهہ ۽ تعلقي سڪرنڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڳڏاپ پريس ڪلب ۾ صحافي غلام نبي چانڊيو جي ڀاءُ جي لاڏاڻي تي تعزيتي ميڙ اڪو

صدر **سعيد احمد چانڊيو** جي زير صدارت تعزيتي ميڙاڪو گهرايو ويو جنهن چيئرمين علي گوهر بلوچ پنگوار ۽ ٻين جي شرڪت

اسان هن ڏک واري گهڙي پنهنجي صحافتي سٿ جي ساٿي غلام نبي چانڊيو سان برابر جا شريڪ آهيون: سعيد احمد چانڊيو

دعا ٿا ڪريون مولا ڪريم مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ ان جي پوئين کي صبر و جميل عطا ڪري

ڪراچي (رپورٽر) ڳڏاپ پريس ڪلب جي صحافين پاران سينئر صحافي غلام نبي چانڊيو جي ڀاءُ دائم خان چانڊيو جي ڪومهلي رحلت تي ڳڏاپ پريس ڪلب ڪراچي ۾ تعزيتي ميڙاڪو گهرائي مرحوم جي بلند درجات جنت الفردوس ۾ اعلي مقام ۽ پوئين جي صبر جميل جي لاءِ دعا گهري وئي تفصيل موجب ,سينئر صحافي غلام نبي چانڊيو جي ڀاءُ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

آچر پهرين جنوري 2023ع

موڪلائي ويندڙ سال ٢٠٢٢ع مُلڪ ۽ عوام لاءِ ڪيئن رهيو؟

اڄ سال 2022ع جو سج نااُميدي، نراسائي ۽ اڻاڳ سان گڏ اُلهي ويندو. روايتي طور ڪيترن ئي هنڌن تي ماڻهو سج کي الوداع به چوندا ته نئين سال جي آجيان لاءِ پروگرام به ڪندا. اِهو سلسلو ورهين ڪان هلندو اچي. ڪنهن حد تائين سُڌريل سماجن ۾ هر نئين سال ڪانپوءِ تبديلي ڏسڻ ۾ ايندي به آهي، پر پنهنجو ڀاڳ سدائين ساڳيو ئي رهندو آهي. بلڪ ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ جيڪڏهن حال جو جائزو ورتو وڃي ته نراسائي ۽ نااُميديءَ ڪان سواءِ ڪجهه پلئه نه پوندو. ماضيءَ ۾ جيتوڻيڪ آسائشن جي کوٽ هوندي هُئي، صحت، تعليم توڙي سفري سهولتون نه هُئڻ برابر هونديون هيون. ماڻهن جي زندگي سُست رفتاريءَ سان گذرندي هُئي. هاڻ ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ صحت جا مرڪز به سوايا آهن ته درسگاهن جو به هر هنڌ جار وڇايل آهي ۽ روڊ رستا به بهتر نظر اچن ٿا. جنهن ڪري فاصلا ويڙهجي ويا آهن. ماڻهو هڪ هنڌ ڪان ٻئي هنڌ ٿوري وقت ۾ پهچي سگهي ٿو. مواصلاتي ذريعن دُنيا کي ننڍڙي ڳوٺ جهڙو بڻائي ڇڏيو آهي. هڪ ڇيڙي ڪان ٻئي ڇيڙي تائين رسائي ۽ رابطو آسان ٿي ويو آهي. پر پاڙي جي پروڙ ڪان ماڻهو پرانها ٿي ويا آهن. اجتماعي سوچ سُڪڙجي انفرادي مفادن ۾ بدلجي وئي آهي. احساس، آدرش ۽ قدر ڪنهن ڏورانهين ڏيهه لڏپلاڻ ڪري ويا آهن. جن جي جاءِ تي حرص، هبچ ۽ پنهنجا نوازيءَ خيما کوڙي ورتا آهن. جنهن سبب زندگي حسناڪين ڪان ٻسي ٿي پئي آهي. اِهو سڀ جيتوڻيڪ ٻين هنڌن به ڏٺو وڃي ٿو پر پنهنجو سماج اِن سلسلي ۾ گهڻو اڳتي آهي. تنهنڪري ڪئلينڊر بدلجن يا نه بدلجن، هتان جي زندگيءَ تي ڪو گهڻو فرق نٿو پوي. هيلوڪو سال سنڌ لاءِ انتهائي اڀاڳو ثابت ٿيو. خاص ڪري برساتي ٻوڏ ڪروڙين ماڻهن کي دربدر ڪري ڇڏيو. جيڪي اڄ سوڌو ڪئمپن ۾ انتهائي اذيت جون گهڙيون گذاري رهيا آهن. سخت سرديءَ جي ڏهاڙن ۾ اُنهن مٿان ڇا گذري رهي آهي. تنهن جو ڪنهن کي به احساس ناهي. هاڻ ته ميڊيا به اُنهن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي. جو اهو ميڊيا جو مزاج ناهي ته ڪو هڪ ئي مسئلو سدائين ڏيکاريو ويندو رهي. تنهن ڪري عذاب ۾ گذاريندڙ ماڻهن جا مسئلا عام کان اوجهل آهن. ڪيترن ئي علائقن ۾ پاڻي بيٺل آهي، جنهن ڪري زمينون به پوکجي ناهن سگهيون. حڪومت پاران دعوائون ته وڏيون ئي ڪيون ٿيون وڃن، پر متاثر ماڻهن کي پنجن مهينن ۾ اهڙو رليف ملي ناهي سگهيو، جنهن جا اُهي حقدار هُئا. اُن ڪان علاوه مهانگائي به هِن ڀيري ماڻهن جا مٿي تي هٿ ڏياري ڇڏيا آهن. مُلڪي ڪرنسيءَ جي قدر ۾ لاٿ سبب جيڪو نقصان ٿيو آهي، تنهن غربت جي انگ ۾ پڻ اضافو ڪري ڇڏيو آهي. مٿان وري سياسي عدم استحڪام سبب جيڪي محروميون پيدا ٿيون آهن، تن سوچيندڙ ذهنن کي ٿڪائي وڌو آهي. خلق پنهنجن ايندڙ نسلن لاءِ پريشان آهي. اُنهن کي ڪجهه نه ٿو سُجهي ته وقت جا حڪمران جنهن تيزيءَ سان مُلڪ مٿان قرضن جو بار وجهي رهيا آهن. اُهو آخر ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ ريت چُڪايو ويندو. خلق ته انهيءَ ارمان ۾ به آهي ته ڪٿي انهيءَ قرض جي بدلي ۾ اڳيان هلي عوام کي ڪا وڏي قرباني نه ڏيڻي پوي. سياستدانن ۾ به ڪا ساڃاهه ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي. اُهي پنهنجن ذاتي مفادن خاطر انتشار ۽ افراتفريءَ کي ڪوٺ ڏيندا رهن ٿا. سال 2022ع هن مُلڪ جي حوالي سان ڳرو ثابت ٿيو آهي. اِنهيءَ سال دوران هِن مُلڪ جي عوام نه رُڳو سياسي بحران ڏٺا آهن. پر ٻين به ڪيترن ئي بحرانن مان خلق گذري آهي. خاص ڪري اٽي، کنڊ، بجلي، پيٽرول ۽ گئس جي بحران زندگيءَ کي بنهه بي رونق بڻائي رکيو. ماڻهن ۾ غربت ۽ بيروزگاري وڌي. سڄو سال حڪومت ۽ مخالف ڌر جي پارٽين وچ ۾ ڇڪتاڻ رهي. ايوانن ۾ حڪمران ته بدليا، پر نه بدليو ته هِن قوم جو نصيب ۽ مُلڪي نظام. سال جي پُڄاڻيءَ وارن ڏينهن ۾ ڏيوالي جون خبرون به ٻُڌڻ ۾ ايندڙيون رهيون. جڏهن ته اپوزيشن جو ڪردار ادا ڪندڙ پي ٽي آءِ اقتدار تان هٽڻ ڪان پوءِ ڪيترن ئي مهينن تائين سياسي هَل هنگامو مچائي رکيو. جلسا، جلوس ۽ مارچ به ڪيا. سنڌن خلاف ڪيترن ئي آڊيوز به منظر تي آيون. توشه خاني ۾ ڪيل خرد برد وارو معاملو پڻ سڄو سال ميڊيا تي خبرن جي زينت بڻيل رهيو. هڪڙن تان ڪيس ختم ڪيا ويا ته ٻين کي ڪيسن هيٺ آڻڻ جون ڪوششون ٿينديون رهيون. مطلب ته پورو سال سياسي، سماجي توڙي معاشي هنگامن ۾ گذريو ۽ اڄ جڏهن اُهو پُڄاڻيءَ کي پهچي رهيو آهي ته ماڻهو نئين سال جي آجيان جون تياريون ڪري رهيا آهن ۽ اُميد اٿن ته نئون سال مُلڪ توڙي عوام جي لاءِ بهتر ثابت ٿيندو.

سال جو آغاز نئين سان پنهنجي ذات ۾ تبديلي آڻڻ سان ڪريو!

مير قائم خان ٽالپر

اڄ 31 ڊسمبر آهي 12 ڪلاڪن ڪان پوءِ هي سال به ختم ٿي ويندو ۽ پوءِ نئون سال شروع ٿيندو ڪجهه ڏينهن تائين سڀ ڪجهه نئون نظر ايندو. پوءِ اها ساڳي بوريت ۽ هڪجهڙائي. جيڪا اسان محسوس ڪندا آهيون. اها هر سال جيان ٻيهر اسان جي روزمره زندگيءَ ۾ شامل ٿي ويندي. آئون عرض ڪريان ته هزار ٻاويهه هاڻ ڪلاڪن جو مهمان آهي ۽ ٻه هزار ٽيويهه اچي رهيو آهي. نئين سال جي لاءِ پليڪار جا خواب اکين ۾ سجائي اسان نئين سال ۾ هڪ پيرو ٻيهر نئين اميدن سان داخل ٿي رهيا آهيون. اها سوچڻ جي ڳالهه ناهي ته ايندڙ نئين سال ۾ اسان ڇا ڪنداسين پر اها سوچڻ جي ڳالهه آهي ته گذريل سال ۾ اسان ڇا وڃايو ۽ ڇا حاصل ڪيو؟ اسان ڪنهن جي مدد ڪئي يا اسان ٻين جي حقن جو خيال رکيو؟ حقيقت ۾ ڪيتريون ئي شيون اسان جي وس ڪان ٻاهر آهن. اسان سوچيندا ڪجهه آهيون ۽ ڪندا ڪجهه ٻيو آهيون. جنهن جي ڪري نتيجو هميشه اُبتڙ نڪرندو آهي ان ڪري اسان کي پنهنجي ناڪامين جو ٻيهر جائزو وٺي نئين سال ۾ انهن کي درست ڪرڻ جي لاءِ اپاءَ وٺڻ گهرجن. نئون سال اسان جي زندگيءَ ۾ مستقبل جي لاءِ بهترين اميدن سان داخل ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري اسان کي نه رڳو نئين سال جي لاءِ سُٺا سُٺا خيال رکڻ گهرجن. بلڪي ماضيءَ جو تنقيدي جائزو به وٺڻ گهرجي ته ڪٿي اسان ڪان غلطيون ٿيون ۽ ڪٿي اسان ڪان غفلت ٿي. جيڪڏهن اسان انهيءَ ڪارڪردگيءَ کي سامهون رکي پنهنجي مستقبل جي حڪمت عمليءَ کي جوڙيون ته اهو اسان جي لاءِ يقيناً بهترين ثابت ٿيندو. ياد رکو انهيءَ اچڻ واري نئين سال ۾ اسان پنهنجو پاڻ سان اهڙا واعدا ڪريون. جيڪي اسان پاڻ نڀائي به سگهون. ڪڏهن سوچيو آخر ڪهڙو سبب آهي جو هر سال جي آخر ۾ اسان پاڻ سان وڏا وڏا واعدا ڪريون ٿا. پر ٽن چئن هفتن ڪان پوءِ اهي ساڳيون ٻي ڍنگيون عادتون جيڪي ماضيءَ ۾ ڪندا رهيا آهيون. اسان سال جي شروعات ۾ پنهنجي اندر ۾ جيڪو جوش ۽ جذبو محسوس ڪندا آهيون. اهو ڪجهه ئي ڏينهن يا هفتن جي اندر ئي ختم ٿي ويندو آهي. شروعاتي ڏينهن ۾ اسان سڀ پرجوش هوندا آهيون. پاڻ لاءِ نوان مقصد چونڊيندا آهيون. ڪجهه ڏينهن انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ به ڪم ڪندا آهن پوءِ آهستي آهستي ساڳئين معمول ڏانهن موٽندا آهيون. اوهان ڪڏهن غور ڪيو آهي ته ائين ڇو ٿو ٿئي؟ غور ڪريو ته سال جي شروعات ۾ اسان جيڪو جوش محسوس ڪندا آهيون اهو ڏينهن يا هفتن ۾ ختم ڇو ٿيندو آهي؟ اهو سڀ انهي ڪري ٿئي ٿو جو اسان پنهنجو پاڻ سان اهڙيون اميدون رکون ٿا. جن کي پورو ڪرڻ جي سگهه اسان وٽ نه هوندي آهي. پوءِ ڪجهه ڏينهن اسين انهن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ محنت ڪندا آهيون پر پوءِ اسان جي دل هيڏانهن هوڏانهن ٿيڻ لڳندي آهي ۽ پوءِ اسان اڄ جو ڪم سڀاڻي تائين ملتوي ڪرڻ لڳندا آهيون. پوءِ ڏينهن هفتن ۾ ۽ هفتا مهينن ۾ تبديل ٿيڻ شروع ٿي ويندا آهن. جنهن جو اسان کي اندازو ئي نه هوندو آهي ۽ پوءِ انهيءَ جو نتيجو اهو ٿي نڪرندو آهي جو سال جي آخر ۾ اسان پاڻ کي اتي ئي ڏسندا آهيون. جتي اسان گذريل سال هئاسين. جيڪا تبديلي آيندي آهي. اها زبردستيءَ جي هوندي آهي. توهان کي خبر آهي ته توهان ڇا ڪري سگهو ٿا. انهيءَ جي مطابق پنهنجو حدف مقرر ڪريو. اهو حدف جيڪو توهان حاصل ڪري سگهو ٻي صورت ۾ نئين سال جي آخر ۾ توهان جي حالت ساڳئي رهندي. جهڙي گذريل سال جي آخر ۾ هئي. هر شخص جي زندگيءَ ۾ مايوسين جا ڏينهن به اچن ٿا. اهو سڀ قدرتي عمل آهي. ليڪن اهڙا احساس تڏهن نقصان پهچائيندا آهن. جڏهن اوهان پنهنجو پاڻ کي انهن خيالن جي اڳيان زير ڪري ڇڏيو ٿا ۽ پوءِ انهن مان نڪرڻ نٿا چاهيو. ياد رکو بهتر ڪان بهتر ڪري ڏيکارڻ جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي مايوسي ۽ نااميدي، وارن اهڙن خيالن مان ڪڍڻ سکو. انهيءَ ڪري جو جڏهن ٻيا ماڻهو پنهنجن خوابن کي حاصل ڪري سگهن ٿا ته پوءِ اسان جي نوجوان کي به پنهنجا خواب حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. گوئٽيءَ جي اها چوڻي وڌيڪ هنئون ڏاريندڙ سچ جيان لڳي ٿي. هو چوي ٿو ته. "انهن کان وڌو غلام ڪير به نه آهي، جن کي اهو دوکو آهي ته هو آزاد آهي" يعني گوئٽيءَ جي هن چوڻيءَ مطابق اسان معاشري ۾ آزاد غلام آهيون ۽ پوءِ آزاد غلامن کي معاشري ۾ نئين سال جي خوشي ملهائڻ ڪان بهتر آهي ته پوئين سالن جو سوڳ ملهائڻ. اسان جي بدنصيبي اها آهي ته هر دور ۾ غلامي ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ اسان جي معاشري ۾ پنهنجو وجود زنده رکندي پئي اچي. جيڪڏهن اسان غور ڪريون ته ماضيءَ واري غلامي، حال واري غلاميءَ کان صرف رنگ روپ ۽ مهاندي ۾ مختلف آهي. هاڻوڪي غلاميءَ ۾ ڪو اهڙو طوق غلام جي ڳچيءَ ۾ نظر نه ايندو آهي ۽ نه ئي ڪا زنجير هٿن ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي ۽ نه ئي ڪي بيڙيون پيرن ۾ هونديون آهن. ليڪن انهيءَ جي باوجود نه ڏسڻ ۾ ايندڙ زنجيرن ۾ قاتل ٻي پهچ اڄ جو نوجوان جنهن کي نه صرف پنهنجي مرضيءَ جي حڪم تي هلائي سگهجي ٿو بلڪ انهيءَ جي مٿان پنهنجي مرضيءَ جا فيصلا مڙهي. انهن جي زندگيءَ کي پنهنجي مرضيءَ جي تابع ڪري انهيءَ کي سمجهو ته نظر نه ايندڙ زنجيرن ۾ جڪڙيو وڃي ٿو انهيءَ ڪان علاوه انهيءَ بي

پهچ نوجوان جي رات مان جديد دور جا آقا گهرائي پنهنجي عياشين تي خرچ ڪن ٿا. ليڪن اصل افسوس اهو آهي ته پوءِ به اهو نوجوان انهن آقا نما ڦورن کي پنهنجو دشمن سمجهڻ بجاءِ همدرد، هڏ ڏوکي، مددگار ۽ پنهنجو مسيحا سمجهي ٿو. ايستائين جو اهو نوجوان سندن قصيدا پڙهندي نٿو ٿڪجي ۽ انهن جي ڪوڙن لُلِهن دلاسن تي تاڙيون وڄائي پنهنجي جديد غلام هجڻ جو اقرار ڀريل مجموعن ۾ ڪري ٿو. ياد رکو هاڻ اسان کي بيروزگاري، مان نڪرڻ جو ڪو به رستو نظر نه پيو اچي ۽ پري پري تائين ڪا به منصوبه بندي ڏسڻ ۾ نه پئي اچي. اسان وٽ بيروزگاري جو وڏو ڪارڻ هميشه صاحبان اقتدار جي حڪمت عملي رهي آهي. جو ته جنهن ملڪ ۾ زمين ايتري زرخيز هجي، معدنيات جي موجودگي سان گڏوگڏ قومي آمدني به معقول هجي. اتي روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۾ ڪا به ڏکيائي نه ٿيڻ کپي. ضرورت صرف موثر منصوبه بندي ۽ منظم طريقيڪار جي آهي. آئون عرض ڪريان ته ٻه هزار ٻاويهه هاڻ عنقريب تاريخ جو حصو بڻجڻ وارو آهي ۽ اسان جلد ئي ٻه هزار ٽيويهه جي راهن جا رولاڪ ٿيڻ وڃي رهيا آهيون. پهرين عالمي جنگ پنهنجا سؤ سال پورا ڪري چڪي ۽ ٻئي عالمي جنگ پنهنجا سؤ سال پورا ڪرڻ جي قريب پهچي چڪي آهي. ليڪن انهن ٻنهي جنگين جا ڏنل زخم اڄ به انسانيت جي وجود تي نمايا نظر اچي رهيا آهن. اسان کي ماضيءَ جي ڏنل پنهنجو پاڻ کي انهيءَ زخم مان گهڻو ڪجهه سکڻ کپي ها. ليڪن افسوس جو اسان صرف ڏينهن ملهائڻ جي حڪمت عملي ناهڻ تي ئي پنهنجون توانايون وڃايو ڇڏيون. هاڻي ضرورت انهيءَ امر جي آهي ته اسان پنهنجي جوڙاريءَ جو جائزو وٺي پنهنجي نوجوانن جي مستقبل جو تعين ڪريون ۽ پوءِ پنهنجي ذهنن ۾ ايندڙ انهيءَ سوال جو جواب ڳوليون ته حالتون ۽ واقعا اسان کي ڪهڙي طرف وٺي وڃي رهيا آهن؟ ڇا دنيا هڪ دفعه ٻيهر وري انهيءَ المناڪ ۽ وحشتناڪ انجام ڏانهن ته نه پئي وڃي؟ اهڙي طرح جا ٻيا بيشمار خدشات انسانيت جي بقا تي سواليه نشان بڻجي تسلي بخش جوابن جا منتظر آهن. بظاهر ميدانِ ڪارزار تبديل ٿي چڪو آهي. اسان جو جديد دور جو آقا جا اسان جي نوجوان کي هٿيارن جي ويڙهه مان ڪڍي ترقيءَ جا خواب ڏيکاري بک ۽ بيروزگاريءَ واري دور ۾ ٻيهر وٺي ته نه وڃي رهيو آهي؟ ڇا هو ٻيهر اسان جي ڊگري يافته نوجوان کي ابتدا ڏانهن وٺي وڃڻ جو خواب ڏسي رهيو آهي. ليڪن اسان جي نوجوان کي هاڻ بک ۽ بي روزگاريءَ واري انهي ميدان ڪارزار جو حصو بڻجڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. هن کي هاڻ اهو سوچڻ کپي ته بک ۽ بي روزگاري تي فتح يا شڪست جي لاءِ وڏو هٿيار آهي. جنهن جو مثال ماضيءَ ۾ ايٽمي هٿيار هجڻ جي باوجود يوايس ايس آر جو ٽٽي وڃڻ آهي. انهي مان واضح ٿئي ٿو ته هاڻ ميدان جنگ جي حڪمت عملي تبديل ٿي چڪي آهي. آئون عرض ڪريان ته ابراهم لنڪن چوي ٿو ته. "جيڪي ٻين کي آزاديءَ کان محروم ڪن ٿا، اهي پنهنجي لاءِ به انهيءَ جو حق نٿا رکن." ليڪن ڏٺو وڃي ته اسان جي معاشري جو نوجوان پنهنجو پاڻ کي ائين ٿو پيش ڪري جڻ ته هن غلاميءَ جون زنجيرون لاهي اڇلائي ڇڏيون هجن. ٻه هزار ٽيويهه ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ اسان جي نوجوان کي ياد رکڻ گهرجي ته زنجيرن بنا واري غلامي وڌيڪ خطرناڪ هوندي آهي پنهنجي معاشري جي لاءِ. ڇو ته اها غلامي پنهنجي ايندڙ نسلن کي به ڪٿين صدين تائين پنهنجي ظالم آقائن جو غلام بڻائي ڇڏيندي آهي. اڄ جي دور ۾ غلامي معاشرتي نظام جو حصو بڻجي چڪي آهي، جنهن جي ڪري اسان جو نوجوان پنهنجي ناڪامين جي ذميداري نظام جي خرابي ۽ ڪڏهن معاشري جي معاشي ۽ سماجي ناهموارين جي نالي ڪري ڇڏي. ليڪن هو ماضيءَ جي ورق گرداني نٿو ڪري. جيڪڏهن اسان تاريخ جي ورقن ۾ ڏسون هٿون ته جارج واشنگٽن کان وٺي ٿامس جيفرسن تائين، مائيڪل اينجلو کان وٺي پڪاسو تائين. ابراهيم لنڪن کان وٺي براڪ اوباما تائين، جوبائيڊن کان وٺي ڪملا هيرس تائين. قائداعظم محمد علي جناح کان وٺي نيلسن منڊيلا تائين سڀ عظيم ۽ ڪامياب ترين شخصيتن جي ڪاميابيءَ جي پويان عزم، ارادو ۽ همٿ جو هڪ لازوال داستان ئي ملي ٿو انهن کان علاوه به جيڪڏهن اسان تاريخ ۾ جهاتي پايون ته مسلسل عمل ۽ مضبوط ترين قوتِ ارادي جا ٻيا گهڻائي مثال موجود آهن. هنن تاريخي هستين پنهنجي ناڪامين، پريشانين پنهنجن مسئلن ۽ زماني جي حالتن کان منهن ڦيرڻ جي بجاءِ انهن کي پنهنجي طاقت بڻائي حالات سان وڙهڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پوءِ هو مسلسل ڪرندا، ترڪندا رهيا، وري اٿندا رهيا ۽ ٻيهر ميدان ۾ تڪري پيا ۽ ڪاميابيءَ جي چاهه کي پنهنجو مضبوط هٿيار بڻائي منزل تائين پهچڻ ۾ اگهاڙي پيرين ئي سفر ڪندا رهيا. ياد رکو راند جو ميدان هجي يا سياست، ڪاروبار هجي يا تجارت، طب هجي يا تعمير، خطابت هجي يا تحقيق، يعني زندگيءَ جي هر شعبي ۾ منفرد مقام يا ممتاز حيثيت حاصل ڪرڻ جي لاءِ اسان جي نوجوان کي خود اعتمادي، محنت تي يقين ۽ مسلسل جدوجهد ئي ڪامياب ڪري سگهي ٿي. آئون عرض ڪريان ته معاشي غلامي ماڻهن کي پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ جسماني يا ذهني قيدي بڻايو ڇڏي ۽ پوءِ

انهن کان شخصي آزادي ڦري ٿي آهي، جي جيئو هو پنهنجي آقا جي خدمت ڪرڻ تي مجبور ٿيو وڃن. انهن نوجوانن جي حالتِ زار ڏسي لڳي ٿو ته جڻ هو ڪنهن جي ملڪيت هجن ۽ پوءِ ائين لڳي ٿو ته جڻ هڪ خاص نظام جي تحت اڄ جو نوجوان پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان غلام بڻيو هجي، منهنجا نوجوانو ماضيءَ ۾ وسيلا گهٽ هجڻ جي ڪري جنهن انسان جي جسم ۽ دماغ تي قبضو ڪيو هو ته انهيءَ کي غلام چيو ويندو هو. ليڪن اڄ جي هن جديد دور ۾ غلاميءَ به پنهنجو لباس مٽائي پاڻ کي مختلف نالن سان سڏائڻ لڳي آهي. عهد حاضر ۾ هر ملڪ ۾ غلاميءَ جي خلاف قانون ته ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ موجود ضرور آهي. ليڪن اڄ جو آقا به چالاڪ آهي. هن اڄ غلاميءَ جو نالو مٽائي ڇڏيو آهي. جنهن جي ڪري اهو عمل هاڻ مختلف نالن سان دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود آهي. ياد رکو اڄ به ڪئين نوجوان اچڻ واري نئين سال جو آغاز پنهنجي ڳچيءَ ۾ غلاميءَ جي طوق سان ڪندا. انهيءَ ڪري جو هو اهو نٿا چاهين ته هو جنهن انداز ۾ پنهنجي آقا سان پنهنجي انسيت رکي اظهار ڪن پيا. اهو به غلاميءَ جو هڪ قسم آهي. اوهان غور ڪريو ته ڇا اڄ ڪنهن وڏي ماڻهوءَ سان هلڻ وارا هن جا غلام نه آهن. جن کي اوهان مختلف نالا ڏيو ٿا؟ ڇا اڄ به اسان جا چونڊيل ميمبر ورڪاسن ڪونه ٿا؟ ڇا ڪنهن پارٽيءَ جا ڪارڪن انهيءَ دور جي غلام جيان پنهنجي ليڊر يا پنهنجي پارٽيءَ جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي وقف نه ڪريو وٺن؟ جيئن ماضيءَ جا غلام ڪندا هئا؟ سوچيو ۽ اڃا ڪجهه وقت اٿو ٻه هزار ٻاويهه مان ٻه هزار ٽيويهه ۾ وڃڻ جو. ڇا اڄ جو پڙهيل لکيل ڊگري يافته غلام نوجوان جنهن کي ڪارڪن يا ٽائيگر يا جيالو چيو وڃي ٿو، اهو پنهنجي پارٽيءَ جي ملڪيت نٿو لڳي؟ ياد رکو حال جو ڪارڪن ماضيءَ جي غلام جيان پنهنجي پارٽي، پنهنجي ليڊر جي انڌي چاهه ۾ انهن جاين جو احترام پڻ وساريو ڇڏي. جنهن جا ڏانهن هزارين ميل پري هجڻ جي باوجود اسان پنهنجا پير ڪري سمهڻ به بي ادبي سمجهندا آهيون؟ ڇا جهڙيءَ طرح ماضيءَ ۾ غلامن کي بحري جهازن ۾ واڙي هڪ جڳهه کان ٻئي جڳهه تائين آندو ويندو. بلڪل اهڙي طرح اڄ بسن ويگنن چنگچين ۾ ڪارڪنن کي واڙي جلسن، سالگرهن يا ورسين ۾ نٿو آندو وڃي؟ هي سڀ ڇا آهي؟ بلڪل هيءَ اهائي غلامانه سوچ آهي. جنهن اڄ پنهنجو نالو غلاميءَ مان تبديل ڪري ڪجهه ٻيو رکيو آهي. پوءِ اسان جڏهن انهيءَ ئي ساڳئين سوچ سان نئين سال ۾ داخل ٿي پنهنجي ايندڙ نسلن جي ترقيءَ جا خواب ڏسنداسين. ڪيڏو نه هي مهذب قسم جو لطيفو آهي. جيڪو هر سال اسان 31 ڊسمبر جي رات جو ٻارهين وڳي هر قسم جي هٿيارن سان نڪاهه ڪڍي هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا آهيون. آئون عرض ڪريان ته اڄ جا جديد آقا قانونن ۽ اخلاقي ڪاغذن تي لکي دنيا مان غلاميءَ جو هي داستان بظاهر ختم ڪرڻ جا دعويدار ضرور آهن. ليڪن غير قانوني طور تي اهو ڪم اڃا تائين جاري آهي ۽ وڌيڪ منظم ۽ سهڻي نموني سان جاري آهي. ايستائين جو هو آقا پنهنجي غلام کي غلاميءَ تائين جو احساس به ٿيڻ نٿو ڏي. منهنجا نوجوانو انهيءَ ڪري اڄ به اهو سوال پنهنجي جاءِ تي موجود آهي ته غلامي ختم ٿي چڪي آهي يا ان جي شڪل تبديل ٿي آهي؟ منهنجي نظر ۾ غلامي اڄ پنهنجي شڪل تبديل ڪري وڌيڪ اثرائتي نموني سان اسان جي دماغن ۾ گهر ڪري وئي آهي. محسوس اسان کي انهيءَ ڪري نٿو ٿئي جو هاڻي غلامن جا زيور تبديل ٿي ويا آهن. مثال اڳي غلامن جي هٿن ۾ هٿ ڪڙيون پيرن ۾ بيڙيون ۽ ڳچيءَ ۾ طوق وڌو ويندو هو. انهيءَ ڪري جو اهو غلام نوجوان اڻ پڙهيل هو ۽ انهن کي لوهه جا ڳهه سمجهندو هو. ليڪن اڄ جو نوجوان پڙهيل لکيل ڊگري يافته نوجوان انهن لوهه جي زيورن کي پاڻ پنهنجي توهين سمجهندو. تنهن ڪري چالاڪ آقا اهي زيور تبديل ڪري هاڻ ڊگري يافته پنهنجي غلام کي بهترين ڪاٺ جو رڳو پارائي هٿ پير ۽ ڳچي نه هيو پر سڄي جسم کي ڪاٺ جي هن زيور سان قيد ڪريو ويلو آهي. انهيءَ ڪاٺ جو زيور هن ڊگري يافته نوجوانن کي اهو احساس ٿيڻ به نه ڏيندو آهي ته آئون غلام آهيان پوءِ ڀلي هو نوجوان نعرن ۽ نغمن تي نچندو وتي. ليڪن جيڪڏهن منهنجو مخاطب نوجوان کليل دل سان ۽ ٿڌي دماغ سان ماضيءَ جي تاريخ کي پڙهندو ۽ حال جي حقيقت تي غور ڪندو ته هو پاڻ اهو تسليم ڪندو ته ساڳئين غلامي اڄ به موجود آهي ۽ پڙهيل لکيل غلام آهيون. ياد رکو جيڪڏهن اوهان ايندڙ دور ۾ انهيءَ غلاميءَ کي پاڙان ڪڍڻ چاهيو ٿا ته پوءِ اوهان کي نيلسن منڊيلا جي انهن لفظن تي عمل ڪرڻو پوندو ته. "سڀ کان ڏکيو ڪم سماج کي تبديل ڪرڻ نه پر پنهنجي ذات کي تبديل ڪرڻ آهي." جڏهن اوهان پنهنجي ذات ۾ تبديلي آندي ته پوءِ ازخود غلاميءَ جو وجود اوهان جي معاشري مان ختم ٿي ويندو. پر تبديلي زباني نه عملي هجي. زندگي منظم ٿيڻ گهرجي پر اهڙي طريقي سان جيڪا سمجهه ۾ اچي ۽ قابل عمل هجي. هن پيغام سان توهان سڀني کي منهنجي طرفان نئون سال مبارڪ هجي. منهنجي دعا آهي ته ايندڙ نئون سال توهان جي لاءِ تمام گهڻيون خوشيون آڻي ۽ توهان ٻين جي لاءِ خوشيون آڻڻ جو سبب بڻجو!

صوفيءَ سيرُ سِين ۾، جئن رڳن ۾ ساهه؛
سا نه ڪري ڳالهڙي، جئن پويون پروڙي پساهه؛
آهِس اِئُ گناهه، جي ڪا ڪري پڌري

ڇا سنڌ بين القوامي يتيم خانو آهي؟

خاصخيلي لطيف راولاٽي

سنڌ ۾ ڪافي سالن کان وٺي ڌارين جي ايتري يلغار ٿي آهي جنهن جو اندازو ڪرڻ مشڪل ٿي پيو آهي ماضي ۾ انهي ڏس ۾ تمام گهڻا احتجاج مظاهرا ٿيا آهن پر ٻاهرين آبادڪاري رڪجي نه سگهي آهي تازو پنجاب حڪومت ڌارين جي آبادڪاري خاص طور تي جيڪي افغاني پناهگير اسلام ۽ مسلمان جي ناتي ۾ پاڪستان جي حوالي ڪيا ويا هئا انهن جي ڪري ملڪ ۾ بدامني وڌي وئي آهي انهي ڪري ئي پنجاب حڪومت انهن تي سخت پابندي هڻي ڇڏي آهي ۽ انهن کي پنجاب نيڪالي ڏني وئي آهي ۽ پوري صوبي ۾ افغانين جي نيڪالي جا بينر لڳايا ويا آهن ڪوبه افغاني اتي ڪاروبار ۽ رهائش اختيار نٿو ڪري سگهي تاريخ تي نظر وجهنداسين ته هي اهو ئي پنجاب صوبو آهي جڏهن پاڪستان کي وجود ۾ آندو ويو ۽ هي ملڪ ٻن قومي نظرين هندو ۽ مسلم جي بنياد تي ٺهيو هوجتي هندن جي گهڻائي هئي ته اتي هندوستان جا صوبا ۽ جتي مسلمانن جي گهڻائي هئي ته اتي مسلم صوبا ٺاهي ورهاست ڪئي وئي جڏهن مسلمان پناهگير اردو ڳالهائيندڙ واهگه بارڊر پار ڪري پنجاب ۾ داخل ٿيا ته پنجاب حڪومت انهن کي اڳتي ڌڪيو ته هي پاڪستان ڪونهي لکن جي تعداد ۾ هي مسلم ملتان پهتا جيڪو سنڌ جوئي علائقو هو ڪجه اتي رهي پيا اهڙي ريت قافلا ايندا ويا ۽ سنڌ جي مختلف ضلعن سکر خيرپور نوابشاه حيدرآباد ۽ پوءِ ڪراچي ۾ اچي رهيا جتان هندو لڏپلاڻ ڪري انڊيا وڃي رهيا هئا جنهن جو تفصيلي ذڪر سنڌي ليکڪ لڇمڻ ڪومل پنهنجي آتم ڪٿا جي ٽن واليم تي مشتمل ڪتاب وهي کاتي جا پنا ۾ ڪيو آهي ان کان پوءِ مسلسل ڌارين جي آبادڪاري سنڌ داخل ٿيندي رهي ٿي جنهن جو حڪومت ڪوبه نوٽيس ڪونه ٿي وٺي مسلم پناهگيرن کان علاوه سنڌ ۾ ايراني برمي بنگالي چيني فلسطيني قبائلي علائقن جا ماڻهو جيڪي اتان ڏوهه ڪري ڀڄي آيا آهن اهي پختونخواه جي علائقه غير سان تعلق رکن ٿا جن ۾ مختلف ايجنسين جن ۾ خرم ايجنسي مهمند ايجنسي بٽگرام ۽ ٻين علائقن جا هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو سنڌ ۾ رهيا پيا آهن افغان انقلاب روس جي ناڪامي کان پوءِ افغاني پناهگيرن جو آمد جو سلسلو صرف سنڌ ۾ رهيو ۽ لکن جي تعداد ۾ غير قانوني طور تي افغاني سنڌ ۾ آباد آهن جن جا ڪاروبار به انهن جي ئي نالن سان ۽ اتي جي صوبن جي نالن سان آهن جن کي ڪير به چوڻ وارو ڪونهي ڪوبه قانون قاعدو ڪونهي هتي وڏا وڏا ڪاروباري مرڪز جن جا نالا افغان ڪارپيٽ افغان بلڊر هلمند موٽرز ڪابل ڪار شوروم ۽ ٻين مختلف نالن سان آهن جيڪي مڪمل طور تي غير قانوني آهن ۽ انهن ڌاري قوم جيڪي سنڌ لاءِ خطرو آهن اهي مستقل طور تي هتي آباد ٿي ويا آهن ۽ انهن سنڌ کي بين القوامي يتيم خانو ٺاهي ڇڏيو آهي جو دنيا جا تڙيل ماڻهو به سنڌ ۾ اچي آباد ٿين ٿا ۽ هتي جعلي شناختي ڪارڊ ۽ ڊوميسائل ٺهرائي وڏيون نوڪريون پڻ ڪن ٿا جن تي ڪابه جهل پل ڪونهي ان جو وڏو ڪارڻ اهو معلوم ٿيو آهي جو ان ۾ سنڌ حڪومت جا ڪامورا ان ڪاري ۽ ناجائز ڪم ۾ شامل آهن جن جي نشاندهي به ٿي آهي ۽ اهڙا ڪافي جعلي ڊوميسائل ۽ شناختي ڪارڊ پڻ پڪڙ ۾ آيا آهن خود نادرا جو ادارو به انهي ڪاري ڪاروبار ۾ ملوث رهيو آهي هاڻي ته سنڌ کي مڪمل طور تي بين القوامي يتيم خاني جي شڪل ڏني وئي آهي اسان جا وس وارا ادارا ۽ حڪومتي مشينري انهي ڏس ۾ بيوس نظر اچي پئي انهن ڌاري آبادڪاري جي خلاف ڪوبه اسيمبلي مان قانون پاس ڪونه ٿو ڪيو وڃي جيئن وڌندڙ ڌاري آبادڪاري کي ٻنجو اچي سگهي ڪنهن شاعر به درست چيو آهي مون پڪ سڃاتا پنهنجا هئا ڌارين سان گڏ ڌاڙي ۾ ٿي وات ڏسيائون واسينگن کي ويهڙيچن جي واڙي ۾ موجوده حڪومت کي گهرجي ته هو فوري قدم کڻندي سنڌ کي بين القوامي يتيم خانو ٿيڻ کان بچائڻ جا اپاءَ وٺي سنڌ جيڪا صوفين سامين جي ڌرتي آهي هتان فوري طور تي غير قانوني آبادڪاري کي لوڏي ڪڍي.

بقايا 01

رهي آهي، جيڪا پاڪستان جي تاريخي ڪاميابي آهي. سندس چوڻ هو ته پ پ سدائين دهشتگردن جو خاتمو ڪيو منهنجي لاءِ اها تڪليف ڏيندڙ ڳالهه آهي ته خيبر پختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ وري دهشتگرد ڪارروائيون ڪري رهيا آهن. شهيد بينظير ڀٽو جو فلسفو سچ ثابت ٿيو آهي ته دهشتگردي جو خاتمو رڳو جمهوريت ئي ڪري سگهي ٿي. اسان جو واعدو آهي ته دهشتگردن جو انت آڻي پنهنجي ڌرتي تي امن قائم ڪنداسين ۽ ايندڙ نسلن کي هر قسم جي خوف کان پاڪ معاشرو ڏينداسين. آصف زرداري چيو ته نئين سال جي خوشي جي موقعي تي ٻوڏ متاثرن ۽ مظلوم ڪشميري ڀائرن کي پنهنجي دعائن ۾ ياد رکو يقين آهي ته 2023 ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۽ خوشحالي جو سال هوندو.

بقايا 02

پارٽي وزيراعظم جي ماءُ جي لاڏاڻي تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي. نواز شريف پنهنجي ٽوئيٽ ۾ لکيو ته پي ايم مودي جي ماءُ جي لاڏاڻي جو ٻڌي ڏک ٿيو ان وڏي نقصان تي اسان جون نيڪ خواهشون نريندر مودي ۽ سندس خاندان سان گڏ آهن.

بقايا 03

سال جي آجيان ڪندا. هن چيو ته پ پ اهو ڪم ڪري ڏيکاريو جنهن جو واعدو ڪيو هو بي اعتمادي ذريعي هڪ شخص کي گهر موڪليو ويو اها عوام جي فتح آهي. توهان ٿي ان سليڪٽڊ، هٿ ٺوڪئي ۽ نالائق جو بندوبست ڪيو 6 مهينا گذرڻ باوجود به ٻني گالا مان رڙين جو آواز اچي رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته عمران خان جمهوريت ۽ سياست کي نقصان پهچايو پ پ ماضي ۾ به ملڪ بچايو ۽ اڳتي به بچائيندي. جڏهن به مقابلو ٿيو فتح سچ جي ٿيندي. عمران خان دهشتگردن کي جيل مان ڪڍيو اسان کي امپورٽڊ چوندڙ ملڪ ۾ دهشتگردي کي امپورٽ ڪيو اسان ملڪي سلامتي تي ڪا سوديبازي نه ڪنداسين ۽ دهشتگردي جو خاتمو آڻي رهنداسين. بلاول ڀٽو زرداري وڌيڪ چيو ته ڪراچي شهر ڪنهن هڪ جماعت يا ٻولي ڳالهائڻ وارن جو ناهي. اسان چئون ٿا ته هي شهر هر ٻولي ڳالهائڻ واري جو آهي، مراد علي شاهه ڪراچي لاءِ وڏو ڪم ڪيو ڪوڙو وزيران جو مقابلو نٿو ڪري سگهي. پڙڏيهي وزير چيو ته ڪراچي ۾ هتراڌو مينڊيٽ ٻيهاريو ويندو هو 15 جنوري تي ڪراچي ۾ چونڊون ٿينديون، 16 جنوري تي جيالو ميئر هوندو. اسان ڪراچي وارن جا نمائندا بڻجي مسئلا حل ڪنداسين.

بقايا 04

حڪومت ۽ اليڪشن ڪميشن طرفان اسلام آباد ۾ اڄ مڪاني چونڊون ڪرائڻ وارو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي.اليڪشن ڪميشن جي اپيل ۾ چيو ويو آهي ته ايتري مختصر وقت ۾ چونڊون ڪرائڻ ممڪن نه آهي. پرزائيڊنگ آفيسرز ۽ پولنگ عملي جو انتظام نه ٿو ڪري سگهجي.وفاقي حڪومت به مڪاني چونڊن لاءِ سيڪيورٽي ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪرڻ کان معذرت ڪري ڇڏي.وفاقي سرڪار پاران ايڊيشنل اٽارني جنرل منور اقبال انترا ڪورٽ اپيل داخل ڪرائي. اپيل ۾ چيو ويو آهي ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي سنگل بينچ جو اڄ چونڊون ڪرائڻ وارو فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو وڃي

بقايا 05

اعلان جو احترام ڪندا . نوجوان نئي سال جي خوشيون ملهائيندا ۽ هڪ ٻئي جو احترام پڻ ڪندا . وڏي وزير چيو ته نئي سال جي موقعي تي نوجوان موٽرسائيڪل جي ون ويلنگ يا اسلحي جي نمائش نه ڪندا . اسان جو نوجوان ٻين جي فيمليز جو احترام ڪن . اميد آهي ته نئي سال ۾ سيلاب متاثرن جي بحالي ، ملڪ ۾ جمهوريت ۽ معيشت کي مظبوط جو سال هوندو . هوڏانهن اطلاعات جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پنهنجي ٽوئيٽ ذريعي بيان ۾ چيو آهي ته ڪراچي ۾ ڊبل سواري تي پابندي نه آهي ، عوام نئي سال جو جشن ملهائي سگهن ٿا . صوبائي وزير ماڻهن کي اپيل ڪئي ته هو هوائي فائرنگ، روڊن کي بند ڪرڻ ۽ ون ويلنگ کان پاسو ڪن ، پنهنجي شهرين جي حفاظت اسان جو اولين فرض آهي .

بقايا 06

اظهار هن 14هين آءِ اون پاڪستان ڪانفرنس 2022ع ۾ شرڪت ڪندي ڪيو. سنڌ جي گورنر ڪانفرنس ۾ سڄي ملڪ مان نوجوانن جي شرڪت تي خوشي جو اظهار ڪندي چيو ته اسان کي پنهنجي نوجوانن تي اعتماد ڪري کين اڳتي آڻڻو پوندو. الله تعاليٰ هن ملڪ کي هر قسم جي قدرتي وسيلن سان نوازيو آهي. ڪامران خان ٽيسوري چيو ته هن ملڪ جي 64 سيڪڙو آبادي نوجوانن تي مشتمل آهي ۽ اسان کي انهن نوجوانن لاءِ موقعا پيدا ڪرڻا آهن. هن وڌيڪ چيو ته منهنجي ڪوشش هوندي ته هر طبقي جي ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات خدمتون سرانجام ڏيان.

بقايا 07

ٿويت ۾ چيو ته اليڪشن ڪميشن هاءِ ڪورٽ جي فيصلي تي عمل نه ڪري هڪ ڀيرو ٻيهر ثابت ڪيو ته اها امپورٽڊ حڪومت ۽ سهولتڪارن سان مليل آهي.هن چيو ته پي ڊي ايم خوفزده ٿي اليڪشن کان ڀڄي رهي آهي. ووٽ هڪ جمهوري حق آهي ۽ پي ٽي آءِ پرعزم آهي

بقايا 08

هڪبئي جي ڳچيءَ ۾ آهن. پي ٽي آءِ ۽ پي ڊي ايم جو مقصد خود عياشيون ۽ عوام کي بکيو مارڻ آهي. پ پ، مسلم ليگ ۽ پي ٽي آءِ ۾ ڪوبه فرق ڪونه آهي. اُهي سڀئي ملي پاڪستان جي معيشت، سياست ۽ معاشري کي تباهه ڪري رهيا آهن. وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن ۾ شامل سڀئي پارٽيون عوام جون مجرم آهن پارليامينٽ ۾ جيترا به ماڻهو موجود آهن اُهي سڀئي اقتدار ۾ شريڪ آهن. پر ان باوجود ملڪ بحرانن ۽ عوام مسئلن جو شڪار آهي. 75 سالن کان امريڪي ايجنٽ ملڪ تي مسلط جن جا ٻار ٻچا ٻاهرين ملڪن ۾ رهن ٿا هتي فقط اقتدار جا مزا ماڻڻ لاءِ ايندا آهن. سنڌ ۾ عوام ڌاڙيلن ۽ رهزنن جي رحم ڪرم تي ڪنهن جي به جان، مال ۽ عزت آبرو محفوظ ڪونه آهي. ڪشمور، گهوٽڪي سميت ڪراچيءَ ۾ ڦرلٽ، ڀتنگ لاءِ اغوا جي وارداتن ڪري عوام عدم تحفظ جو شڪار ۽ پوليس بي وس بڻيل ۽ فقط صوبائي وزيرن، مشيرن ۽ اسيمبلي ميمبرن جي تحفظ ۽ پروٽوڪول ڏيڻ ۾ رڌل آهي. سنڌ جو عوام بُک، بدحالي جو شڪار بلاول کان پڇان ٿو ته هن مهانگائي خلاف سنڌ کان اسلام آباد تائين مارچ ڪيو اڄ سنڌ ۽ پاڪستان ۾ هن جي حڪومت آهي. اڄ اٽو 150 روپيا في ڪلو ڪامجي ڀيوان تي چو خاموش آهي. 14 سالن کان لاڳيتو ۽ گذريل 70 سالن کان سنڌ مٿان حڪمراني ڪندڙ پيپلزپارٽي هتان جي ماڻهن کي بنيادي انساني سهولتون ڏيڻ ۾ به ناڪام ٿي آهي جتي بُک

بقايا 09

پيش ڪندي چيو آهي ته حيدرآباد پريس ڪلب اظهار جي آزادي، ۽ جمهوريت جي جدوجهد ۾ هميشه اڳيان وڌي حصو ورتو آهي. اسان کي حيدرآباد پريس ڪلب جي ان شاندار ماضي ۽ تاريخ تي هميشه فخر رهندو. اميد آهي ته نوان چونڊيل عهديدار حيدرآباد پريس ڪلب جون سموريون ذميواريون بهتر طريقي سان نڀائيندا. ٻئي پاسي سنڌ سماءِ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ حيدرآباد پريس ڪلب جي سالياني چونڊن 2023 ۾ عقيل ابراهيم، ڊيموڪريٽڪ پينل کي ڪاميابي تي مبارڪباد پيش ڪئي آهي. پنهنجي بيان ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته حيدرآباد پريس ڪلب جي نئين چونڊيل صدر لالا رحمان، سيڪريٽري حميدالرحمان، نائب صدر ساجد خانزاده، جوائنٽ سيڪريٽري سردار احمد شيخ، خزانچي فهيم ٻبر کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو ان سان گڏ سينئر صحافي علي حسن، خالد کوکر، محمد حسن خان، الطاف ڪوٽي، هارون آرائين، اقبال ملاح، جئي پرڪاش، ارشاد چنه، فاضل چنه کي پريس ڪلب جي مجلس عامل جو ميمبر چونڊجڻ تي به مبارڪباد پيش ڪريان ٿو هن چيو ته حيدرآباد پريس ڪلب سنڌ جو ٻيو وڏو پريس ڪلب آهي. حيدرآباد پريس ڪلب صحافت ۾ اهم خدمتون انجام ڏنيون آهن. صوبائي وزير چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه آزاد صحافت تي يقين رکي ٿي. سنڌ حڪومت پريس ڪلبن ۾ وڌ کان وڌ سهولتن جي بهتري لاءِ تعاون جاري رکندي. صوبائي وزير سعيد غني طرفان به حيدرآباد پريس ڪلب جي نئين چونڊيل ڪابينه کي مبارڪباد پيش ڪئي وئي. سعيد غني چيو ته حيدرآباد پريس ڪلب جي نئين چونڊيل صدر لالا رحمان سمون، جنرل سيڪريٽري حميدالرحمان، نائب صدر ساجد خانزاده، جوائنٽ سيڪريٽري سردار احمد، خزانچي فهيم ٻبر کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو. نئين چونڊيل مجلس عامل جي ميمبرن علي حسن، الطاف ڪوٽي، محمد حسن، خالد کوکر، هارون آرائين، اقبال ملاح، جئي پرڪاش، فاضل چنه، ارشاد چنه ۽ ڪاشف خان کي به ڪاميابي تي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو هن چيو ته حيدرآباد پريس ڪلب جي هڪ پنهنجي تاريخ آهي هن پريس ڪلب هميشه ملڪ ۾ جمهوريت جي استحڪام لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. حيدرآباد پريس ڪلب صحافين جي فلاح، بهبود ۽ کين پيش ايندڙ مسئلن جي حل لاءِ به ماضي جيان ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ اميد آهي ته نئين ايندڙ ڪابينه به ان تسلسل کي

نڇي رهي آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ٿئي ، ڌابيجي ۽ گلشن حديد ڪراچي ۾ جماعت اسلامي ضلع ملير پاران مقامي هوٽل ۾ بلدياتي نمائندن ۽ مقامي اڳواڻن سان چانهه پارٽي ۾ پڻ خطاب ڪيو. مرڪزي امير جو ٺٽي پهچڻ تي شاندار استقبال ڪيو ويو. سنڌ جي سوڪڙي اجرڪ جو تحفو پيش ۽ ڪيس ڳاڏين جي وڏي قافلي ۾ جلسه گاهه آندو ويو جلسه عام کي مرڪزي نائب امير ڊاڪٽر معراج الهدىٰ صديقي، صوبائي امير محمد حسين محنتي، يوٿ اڳواڻ ڊاڪٽر امتياز پالاري، درگاهه مٽياري جي سجاده نشين پير غلام مجدد سرهندي، سنڌ ملاح فورم جي نائب صدر ڏاڏا آدم گندرو ۽ ضلعي امير الطاف احمد ملاح پڻ خطاب ڪيو مرڪزي امير سراج الحق ٺٽي مان سنڌ اسيمبلي جي رڪن سيد رياض شاهه شيرازي سان سندس والد ۽ اڳوڻي صوبائي وزير اعجازاحمد شيرازي جي وفات تي شيرازي هائوس پهچي تعزيت، مرحوم جي مغفرت ۽ درجات جي بلندي لاءِ دعا پڻ ڪئي. سراج الحق جو وڌيڪ چوڻ هو ته سنڌ ۾ سيلاب متاثرين رُلي ويا، متاثرين جي مدد لاءِ هي منهنجو پنجون دورو آهي. پر صوبائي توڙي وفاقي حڪومتون سندن امداد ۽ بحالي ۾ مڪمل طور تي ناڪام ثابت ٿيون آهن. وزيراعظم شهبازشريف 70 ارب روپيا ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو. پر اڄ تائين ڪنهن کي 7000هزار به ملي نه سگهيا. پرڏيهي ۽ ملڪي امداد توڙي سامان ان کان علاوه. الخدمت فائونڊيشن ۽ جماعت اسلامي جا رضاڪار پهرين ڏينهن کان سيلاب متاثرين جي خدمت ۾ پيش پيش هئا جڏهن ته پي ٽي آءِ جا ٽائيگر ۽ پ پ جا جيالا گم هئا.هن خبردار ڪندي چيو ته جيڪڏهن حڪمران سمجهن ٿا ته هوءَ ماضي وانگر عوام جا حق غضب ۽ مال ڪائي ويندا ته اُها انهن جي ڀُل آهي. غريبن جو حق سندن پيٽ مان ڪڍي حقدارن ۾ ورهائينداسين. 2022ع ۾ حڪمرانن عوام کي بُک، بدحالي، غربت، بيروزگاري، بدامني ۽ مهانگائي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڏليو ناهي ڪيو.ان ڪري 2023ع ۾ عوام ان ڳالهه جو وچن ڪري ته هوءَ پاڪستان کي امن، خوشحالي ۽ اسلامي بڻائڻ توڙي مڙني مسئلن کان نجات لاءِ ديانتدار قيادت کي چونڊيندا ته جيئن ملڪ ترقي جي شاهراهه تي گامزن ٿي سگهي.

چيف الفارميشن ڪمشنر نصرت منگڻ چيو ته اسان کي موٽ سڀني ملي آهي 150 درخواستون مليون آهن جنهن مان 25شڪايتون حال ڪيون ويون آهن .باقي تي ڪم جاري آهي .اسان پنهنجي گهٽ وسائل جي باوجود ويب سائٽ ناهي هن کي بهتر ناهي جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. ويب سائٽ تي انگريزي ،سنڌي ۽ اردو ۾ معلومات ۽ فارم موجود آهي .اسان 200کان وڌيڪ ادارن کي پبلڪ انفارميشن آفيسر مقرر ڪرڻ جي لاءِ خط لکيا آهن .نصرت منگڻ چيو ته اسان پنهنجي سالياني ڪارڪردگي ميڊيا سان شيئر ڪنداسين ۽ ويب سائٽ تي رکي هوندي .بلوچستان جي چيف انفارميشن ڪمشنر چيو ته ڪميشن موجود نه آهي .730ڏينهن گذري ويا آهن ڪهڙي قسم جا رولز نه ٺاهيا ويا آهن .هاءِ ڪورٽ صوبائي حڪومت کي حڪم نامو جاري ڪيو آهي . پي بي ايف جي جنرل سيڪريٽري اويس اسلم چيو ته معلومات تائين رسائي جي قانون اهميت جي برعڪس هن جي قانون کي استعمال ڪرڻ واري شهرين جي تعداد گهٽ آهي .اسان کي صحافين ۽ شهرين کي آگاهي ڏيڻ جي ضرورت آهي .

بقايا 14

ويو هو ته ڪراچي ۾ 31 هين ڊسمبر 2022ع ۽ پهرين جنوري 2023ع تي موٽرسائيڪل جي پيلهه سواري تي پابندي هوندي. پر هاڻي سنڌ سماءِ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جو بيان سامهون آيو آهي جنهن هن ڪمشنر ڪراچي جي بيان جي ابتڙ چيو آهي ته شهر ۾ موٽرسائيڪل جي پيلهه سواري تي ڪائي پابندي نه آهي. صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته شهري نئين سال جو جشن ملهائي سگهن ٿا پر هوائي فائرنگ نه ڪن. جشن دوران روڊ رستا بند ڪرڻ ۽ ون ويلنگ کان پاسو ڪيو وڃي. شرجيل ميمڻ چيو ته عوام جي سيڪيورٽي حڪومت جي پهرين ترجيح آهي

بقايا 15

صدر ڊونلڊ ٽرمپ جا ٽيڪس گوشوارا عوام لاءِ جاري ڪرڻ جي حق ۾ ووٽ ڏنا. آمريڪي ايوان نمائندگان جي ڪميٽي ۾ ڊونلڊ ٽرمپ جي 2015 کان 2020 تائين جا ٽيڪس گوشوارا ظاهر ڪرڻ جي حق ۾ 24 ووٽ پيا جڏهن ته 16

ايشن درخواست ڪئي آهي ته مسافر هيلٿ ڪائونٽر تي موجود عملي سان تعاون ڪن.

توهين عدالت جي پٽيشن داخل ڪري رهيا آهيون.

بقايا سنڌيار 01

مظاهري ايس اين پي اڳواڻ دودو هاليپوٽو عوامي تحريڪ جي هرچند ميگهوار، ارباب ملاح ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته شهري توڙي ٻهراڙين علائقن ۾ واپارين پاران اٽي جي قيمت 140 روپيه کان 150 روپيه في ڪلو مقرر ڪري ڇڏي آهي جنهن ۾ اٽي جي قيمت ۾ ڪيل واڌ جي ڪري غريب مسڪين ماڻهن ۾ سخت پريشاني جي لهر ڇانئجي ويئي آهي . هنن چيو ته اٽي جي قيمتن ۾ تيزي سان هر روز هٺرادو واڌ ڪرڻ جي ڪري ٽنڊو محمد خان جي عوام کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي . مسڪين روز 300 مزدوري ڪري ٿو اٽو جي قيمت اينتري ته وڌيڪ آهي جو مزدوري ڪندڙ جي پوري نه ٿي ٿئي اڄ اسان مزدور طبقي جي پورهتن ۽ شهرين اٽي جي قيمت ۾ واڌ تي سخت احتجاج ڪيو آهي افسوس ضلعي انتظاميه کان مطالبو ٿا ڪيون ته ٽنڊو محمد خان اٽي جي قيمتن ۾ هٺرادو واڌ ڪندڙ واپارين خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ شهري روڊن رستن تي اچي سخت احتجاج ڪندا

بقايا سنڌيار 02

مسجد کي پهچايل نقصان ۽ خرچ جو ڪاٿو لڳائي مسجد جي ماپ ڪئي ۽ ملبي جا سيمپل ورتا . ان موقعي تي انجنيئر محمد يونس چيو ته وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاه پاران قديمي مسجد کي شهيد ڪرڻ تي نوٽيس ورتو جنهن ڪانپوءِ هن جامع مسجد کي شهيد ڪرڻ واري عمل کي روڪرائي ان جي ٻيهر مرمت لاءِ وڏي وزير جي خاص فنڊ مان رقم جاري ڪري آرڪيالاجي کاتي کي مرمت ۽ تزئين و آرائش واري ڪم جي ذميواري سونپي آهي. هن ٻڌايو ته سيد سردار شاه جي خاص هدايتن تي آيا آهيون مسجد کي اصل شڪل ۾ ڏاهڻ لاءِ رپورٽ تيار ڪري ايگزيڪيوٽو ڪميٽي کي موڪلي ويندي جنهن بعد تمام جلد مسجد جو مرمتي ڪم شروع ڪيو ويندو هنن فون ڪال ذريعي نالي واري محقق ۽ اديب ڊاڪٽر محمد ابراهيم سنڌي سان رابطو ڪري مسجد جي تاريخ بابت پڻ ڄاڻ ورتي. ان موقعي تي صحافي خان عباسي . ارباب الله بچايو کوسو. ارباب محمدحسن ڏاڏون . محمدعيسي کوسو. سيدقاسم شاه . نياز ملاح . نظيراحمدڏاڏون ۽ شهر واسي پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 03

مان الوداعي تقريب ڪوٺائي وئي تقريب ۾ موجود سپريڊنٽ انچارج آفيسر ڊاڪٽر سيد اعجازاحمد شاه جيلاني ۽ ٻين ملازمن توڙي سول سوسائٽي پاران حافظ رحيم بخش لوليءَ کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ پارايا ويا ان موقعي تي RHC غوثپور اسپتال جي سپريٽنڊنٽ انچارج ڊاڪٽر سيداعجازاحمد شاه جيلاني ۽ ڊاڪٽر فيتر دلدارا اوڳاهي فيتر ظفر علي اوڳاهي ڊاڪٽر محمد بخش مهر مختار علي قاضي رحيم بخش پيو ماجد اوڳاهي ٻين موجود ملازمن حافظ رحيم بخش لوليءَ جي اسپتال ۾ گذاريل وقت جي ساراه ڪندي چيو ته حافظ رحيم بخش لوليءَ پنهنجي ڊيوٽي هميشه ايمانداري سان ادا ڪئي ۽ اسپتال ۾ ايندڙ هر مريض توڙي ايمرجنسي ۾ ايندڙ زخمين جو پڻ ترت علاج ڪري سندن جي بهتر سارسنڀال ڪندو هو

بقايا سنڌيار 04

پي پي سي تحت عمر قيد ۽ هڪ لک ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي ياد رهي ته 2 سال پهرين نوجوان شاگرد بجو ڪولهي کي جوابدار ويرجي ڪولهي هٿ پير ٻڌي قتل ڪري ڪيس گهرن پرسان ڊنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو هو.

بقايا سنڌيار 05

پاڪستان جو امير سراج الحق گهارو پهتو جتي سندس شاندار استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي سراج الحق صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ مهانگائي ۽ غربت آهي پر سنڌ سرڪار ان تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي ٻوڏ سبب سنڌ جي زراعت ختم ٿي وئي آهي جنهن ڪري سنڌ جا زميندار، هاري ۽ عام ماڻهو سخت پريشان آهن ملڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ ٻوڏ جي ڪري صوبو سنڌ متاثر ٿيو آهي لکين ماڻهو امداد جا منتظر آهن پر ٻاهر ملڪن کان ملندڙ امداد به ڪرپشن جي نظر ٿي وئي آهي سنڌ جي ماڻهن کان اٽو کان محروم ڪيو ويو آهي پر حڪمرانن جا گهوڙا به مزن ۾ آهن سنڌ جا ماڻهو چورن جو ساٿ ڏيندا آهن هتي جا حڪمران عوامي جي ترجماني نٿي ڪري انهن جا ڪتا پڻ خوش آهن

بقايا سنڌيار 06

سخت پريشان ٿي ويو آهي. ان سلسلي ۾ مزدورن برڪت علي ملاح، فقير رمضان شيخ، اعجاز علي، ذاڪر علي شيخ، خان محمد آرائين ۽ سماجي اڳواڻن علي رضا جکڙ، اصغر علي آرائين، راجا کوري ۽ ٻين جو چوڻ هو ته نااهل حڪمران ۽ آفيسرن جي عدم دلچسپي سبب امير سنڌ جا ماڻهو غربت جي گهاٽي ۾ پيسجي رهيا آهن پر سندن جي ڪن تي ڪنهن به قسم جي جوءِ به نٿي چري ته ماڻهن سان ڪهڙو حشر ٿي رهيو آهي. سخت مهانگائي سبب غريب عوام ٻن ويلن جي ماني کي لاءِ سخت پريشاني ۽ فاقاڪشي ڪٽڻ تي مجبور بڻيل آهي. اٽي جي قيمتن وڌڻ سان غريب عوام جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو آهي. هنن چيو ته اٽو لٽو ۽ اجهو فراهم ڪرڻ جو نعرو هڻندڙ حڪمران سخت مهانگائي تي غريب عوام سان ظلم ٿيڻ تي خاموشي اختيار ڪري تماشو ڏسي رهيا آهن. هنن واڳ ڌڻين کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته اکين تي ٻڌل پٽي پري ڪري غريبن سان ٿيندڙ ظلم جو نوٽيس وٺي مهانگائي جي چڪي ۾ پيسجندڙ عوام کي رليف فراهم ڪري جيئندان ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 07

مسئلو حل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو خبر موجب: وارهه سوشل فورم اڳواڻ سماجي ڪارڪن رياض ڪلهوڙو پاران احتجاجي بئنر هٿن ۾ کڻي تعلقه پريس ڪلب وارهه پهچي مسلسل ٻارنهين ڏهاڙي به احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هن ميڊيا اڳيان ڏانهيندي چيو ته وارهه جي عوام کي درپيش گهريلو گيس وارو مسئلو هر سال جيان هن سال به برقرار بڻيل آهي. ٿڌ ۾ اضافو اچڻ شرط ئي غير اعلانيه ۽ رڌ پچاءَ واري وقت گيس جي فراهمي مڪمل بند ڪئي وڃي ٿي. جنهن سبب اسان جون امڙيون ۽ ڀيڻون مال مويش جي ڇيڻن ۽ مهانگي ڪاٺين تي رڌ پچاءَ ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهن ان باوجود به سئي سدرن گيس ڪمپني جي مقامي انتظاميه پاران ڳرا بل موڪلي صارفين کي لٽڻ ۽ ڦرڻ وارو سلسلو برقرار آهي. جڏهن ته وارهه ڏانهن نصير آباد کان ايندڙ مرڪزي گيس پائپ لائين مان عملي پاران گيس جي چوري وارو عمل ۽ سٽي ۾ لڳايل لڪيل غير قانوني ڪنيڪشنز زريعي ٿيندڙ گيس جي چوري به برقرار آهي گيس انتظاميه پاران گيس جي چوري واري ڀرپائي صارفين کان ڳرن بلن وسيلي ڪرڻ خلاف به ڪير نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي ۽ اسين ڪيترن ئي سالن کان دانهون ڪوڪون ڪندا ايندا اچئون پيا پر ڪير به اسان جون دانهون نٿو ورنائي. هن مطالبو ڪيو ته سئي سدرن گيس ڪمپني جا اعلي عملدار ۽ اعلي عدالتون اسان جي گيس واري تمام پراڻي مسئلي طرف متوجه ٿي ڪري نوٽيس وٺن ۽ گيس جي جاري چوري وارو عمل بند ڪري گيس جو پريشر وڌائي واڌو بلن جي روڪٿام ڪئي وڃي ۽ گيس جي غير اعلانيه مڪمل بندش وارو عمل بند ڪري گهريلو گيس جي رڌ پچاءَ واري وقت فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي، ٻي صورت سئي سدرن گيس ڪمپني خلاف احتجاج جاري رکيو ويندو

بقايا سنڌيار 08

پاتين کان ناراض ٿي ڪري گهر ٻاهران گهٽي ۾ پنهجي مٿان پيٽرول هاري باه ڏيئي ساڙي ڇڏيو جنهن بعد وارثن ۽ علائقي واسين پاران پاڻ کي باه ڏيئي ساڙيندڙ نوجوان کي بيهوشي جي حالت ۾ جروار جي پرائيويٽ اسپتال کڻائي آيا جتي نازڪ حالت هجڻ ۽ گهوٽڪي ضلعي جي اسپتالن ۾ سهولتن جي اڻهوند سبب فوري طور تي طبي امداد ڏيڻ بعد سکر جي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي ان سلسلي ۾ ، مقامي ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته نوجوان جو ستر سيڪڙو جسم سڙي ويو آهي ٻي پاسي مليل معلومات موجب پسند جي شادي نه ڪرائڻ تان اهڙو واقعو پيش آيو آهي

بقايا سنڌيار 09

پاران چوري ٿيل مينهن واپس ٿيڻ جي خوشي ۾ ايس ايڇ او مٺياڻي نصرالله جانوري جي محنت کي ساراهيو ۽ ڪيس نوٽن جا هار پاريا ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي نصرالله جانوري چيو ته خفيا اطلاع تي ڳوٺ چام ڏونگر ويجهو زاهد ڏونگر جي گهر تي ڇاپوهڻي ٻه ڏينهن اڳ شادي خان جهنڊير جي رهواسي غلام علي جهنڊير جي مينهن هٿ ڪري چوري ۾ ملوث ٻن جوابدارن زاهد ڏونگر کي گرفتار ڪري غلام علي جهنڊير جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا سنڌيار 10

